سنڌي اخبارن جي ٻوليءَ تي سرسري نظر

ليکڪ

- علي احمد بروهي
- ڊاڪٽر غلام قادر سومرو
- ڊاڪٽر حيدر لاشاري
- نياز همايوني

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد - سنڌ.

سنڌي اخبارون ۽ سنڌي ٻولي - سلسلي جو پهريون ڪتاب

سنڌي اخبارن جي ٻوليءَ تي سرسري نظر

ليکڪ

علي احمد بروهي
ڊاڪٽر غلام قادر سومرو
ڊاڪٽر حيدر لاشاري
نياز همايوني

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ
1995ع

ڇاپو پهريون: فيبروري 1995ع
تعداد: پنج سو
قيمت: ڏهہ روپيا
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نزد سنڌ صوبائي ميوزيم
حيدرآباد سنڌ

۽

مرڪزي دڪان - 16، نسيم شاپنگ سينٽر
نسيم نگر - قاسم آباد
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اشاعتي نگران امين لغاريءَ ايجوڪيشنل پريس ڪراچي مان ڇپرائي حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.

فهرست

• ٻہ اکر	ڊاڪٽر نواز علي شوق	٥
• اخباري ٻوليءَ تي هڪ سرسري نظر	علي احمد بروهي	٧
• سنڌي اخبارن جي ٻوليءَ جو جائزو	ڊاڪٽر غلام قادر سومرو	١٢
• سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اخبارون	ڊاڪٽر حيدر لاشاري	٣٦
• سنڌي اخبارن جي ٻولي	نياز همايوني	٤٠

ٻه اکر

سنڌي صحافت جي عمر سو سوا ورهيه ٿيندي، پر ان جي ابتدائي تاريخ ۽ اوسر بابت ڪو معياري ڪتاب موجود نه آهي. شروع وارو دور ته برپ رهيو، پر صوبائي خودمختياري جي دور پهرين اپريل 1937ع کان 14 آگسٽ 1947ع واري عرصي جو اخباري رڪارڊ به موجود ڪونه آهي. اهو دور سنڌ جي سياست جو نهايت ئي اهم دور هو.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته اڳاٽي دور ۾ اخبارن جا اڪثر ايڊيٽر اديب، شاعر، محقق، ديني عالم ۽ سچا سياسي سماجي ڪارڪن هوندا هئا. انهن پنهنجي خداداد صلاحيتن ۽ پرخلوص محنت واري جذبي سان سنڌي صحافت جو مان مٿاهون ڪيو. اخبار نويسن جا اڪثر پاڻ ۾ جهيڙا به ٿيندا هئا، پر ان هوندي به هو گهڻو ڪري هڪ ٻئي جا دوست رهندا هئا. ان دور ۾ ڪيئي تحريڪون وجود ۾ آيون جهڙوڪ: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، خلافت تحريڪ ۽ انگريزن کان آزاديءَ واري تحريڪ وغيره. سنڌي صحافت ان سلسلي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. پر اسان جي سنڌي صحافت جو هڪ اونداهو پهلو اهو به آهي ته ڪن اخبارن مذهبي فرقيواريت کي هوا ڏني. ڪن ڪٽر مها سڀائي هندن مسلمانن خلاف باهه ٻاري ڏني. ان دور جي سنڌي صحافت ۾ مذهبي جهيڙا، سياسي چڪتاڻ، هندو مسلم چڪتاڻ ۽ ان سان گڏوگڏ هندو مسلم ايڪتا ۽ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ بابت تمام گهڻو مواد ملي سگهندو. ڪن اخبارن ۽ رسالن ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامي ۽ ٻين ادبي صنفن کي ترقي وٺرائي، ڪن اخبارن ۽ رسالن وري سنڌي مشاعرن ۽ شعر و شاعريءَ کي زور وٺرايو. اهڙيءَ ريت سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقي ٿي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ واسين لاءِ ون يونٽ ۽ ضيا جي آمريت وارو دور ڏاڍو ڏکيو دور هو. ان دور ۾ سنڌي صحافت پاڻ ملهايو. اڄ به سنڌي صحافت جي اها اڳوڻي روايت برقرار آهي. خدا جي فضل سان اخبارن ۽ رسالن جو ڳاٽيتو چڱو آهي، ايڊيٽر اديب، عالم ۽ شاعر آهن. ڇپائي ۽ گيٽ اپ جي

لحاظ کان اڄ جون اخبارون ۽ رسالا اڳ جي ڀيٽ ۾ گهڻو مٿاهان آهن. ويتر ڪمپيوٽر هڪ انقلاب آندو آهي. گهڻي ڀاڱي اخبارن جو معيار مٿاهون آهي. ڪالم هجي يا مضمون، ايڊيٽوريل هجي يا ادبي صفحو، سمورا ساراهه جوڳا آهن.

هن دور جي سنڌي اخبارن جي ٻوليءَ تي سرسري نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته انهن ۾ ڪيترن اوپرن لفظن جي جاءِ تي نوان ۽ نيٺ سنڌي لفظ نظر ايندا. جيڪا نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن شايد تڪڙ سبب، نواڻ جي شوق يا اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪري اسان جا صحافي اهڙا لفظ لکن ٿا، جو انهن جي پڙهڻ سان ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو. سهڻي سٻٽي ٻوليءَ ۾ غلط لفظ ڏسي ائين محسوس ٿئي ٿو جڻ اڇي ڪپڙي تي ڪنهن ڪاري ڇٽي هنئي هجي يا جڻ کير ۾ مک پئجي وئي هجي. ڀڳڻ ٻوليءَ ۾ ڪڏهن گرامر جون غلطيون نظر اچن ٿيون ته ڪڏهن صورتخطي غلط لکيل نظر ايندي، ته ڪڏهن وري ڌاري ٻوليءَ جو اثر چٽو پڌرو نظر ايندو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هن ڪتاب ۾ ڇهن ليکڪن جا مضمون شامل ڪيا ويا آهن. جن ۾ اخباري ٻوليءَ ۾ آيل غلطين کي نروار ڪيو ويو آهي ۽ غلط لفظن جي جاءِ تي صحيح لفظ ڏنا ويا آهن. انهن مان ڪن لفظن تي ڪن دوستن کي اعتراض ٿي سگهي ٿو، جن سان بحث ڪري سگهجي ٿو. اسان جو مقصد ڪنهن جا عيب ڳولڻ ڪونه آهي، پر اسان چڱائي ۽ نيڪ نيتيءَ واري جذبي هيٺ هيءُ ڪتابڙو ڇپرايو آهي. اميد ته اسان جا صحافي سڄڻ ۽ لکڻهار دل ۾ نه ڪندا ۽ اسان جي هن نماڻي ڪوشش جو قدر ڪندي سهڻي ٻوليءَ جي سونهن وڌائڻ جي سلسلي ۾ ڪوششون ڪندا. اچو ته گڏجي سنڌي ٻوليءَ جي سونهن وڌائون ۽ ٻاڻ ملهايون.

ڪراچي - سنڌ
10 فيبروري 1995ع

ڊاڪٽر نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

اخباري ٻوليءَ تي هڪ سرسري نظر

علي احمد بروهي

وڏا ٿورا! منڍ ي مالڪ جا، اڄ سنڌ ۾ سياسي سجاڳيءَ جو دور آيو ته ڏسجي، نه فقط اخبارن جي پڙهندڙن ۾ واڌ آئي آهي پر خود اخبارن جي تعداد ۾ پڻ خاص اضافو ٿيو آهي، شيطان جا ڪن ٻوڙا. اڄ سنڌي ٻوليءَ جي روزاني اخبارن جو ڳاڻاٽو وڃي درجن ڏيڍ کي پهتو آهي، وري مزو اهو جو سنڌي اخبارن پنهنجو سڪو به واهه جو ڄمايو آهي ۽ هاڻ سندن لکڻين جو نوٽيس پڻ ورتو ٿو وڃي. اخبارن سان گڏ صحافت جي دائري ۾ پڻ چڱي ڀرتي ٿي آهي، مضمون ۽ مقالا لکندڙن جي قطار ۾ روزبروز نوان نالا ڏسجي رهيا آهن. خاص طور شعر و شاعري ۽ ڪالم نويسيءَ ۾ ته ڪٿڪ اچي ڪٺا ٿيا آهن. سندن خيال جي اڏام ۽ لکڻين جي رواني ڏسي اڪثر ڏندين آڱريون ڏيڻيون ٿيون پون ته هي ماڻڪ موتي ۽ لعل گوهر هيل تائين الاجي ڪٿي ۽ ڪهڙي لڏ ۾ لڪل هئا!

ايتري سياسي سجاڳي ۽ صحافتي سرگرمي هوندي به تعجب هي آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ جا سونهن سوڀيا اڄڻ گهربي هئي، سا اڃان سوڌو ڏسڻ پسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. ممڪن آهي ته اها ماجرا اڃان اڌ پنڌ ۾ هجي، پر اهڙا ڪي اهڃاڻ ڏسجي نه رهيا آهن، بلڪ ڏنو وڃي ته انهي ڏس ۾ باک ٿي نه ڦٽي آهي ـ جو هڪ لازمي امر پڻ آهي. ڇاڪاڻ ته اخبارن جي شمار ۾ واڌاري سان صحافين جي صفن ۾ ته برابر گهڻائي آئي آهي، پر صحافت جي معيار يا ٻوليءَ جي سنوار ۽ سينگار ۾ ڪا سرسي آيل نه ٿي ڏسجي. جي رنگروٽ ڪم ۾ رنڀايا ويا آهن، تن کي علمي لياقت ۽ صلاحيت ته ضرور هوندي، پر ڪين صحافت جو تجربو خير ڪي آهي، نه وري اخبارن جي دفترن ۾ اهڙي ڪنهن تربيت ۽

ترغيب ڏيڻ جو ڪو انتظام ئي آهي، هو غريب لمّ ٽپ تي ڪم اڪلائيندا تا رهن پوءِ ڳالهہ نهي نہ نهي، وٽ رينگٽ ڪي. آخر بہ تہ ڪين اخبارن جي خالي ۽ بڪايل ڪالمن جا پيٽ پرڻا آهن، پوءِ اڪر نہ سهي تہ نڪر ۽ نوبر ئي سهي!

ڏنو وڃي تہ سندن ڏوهہ آهي ئي ڪونہ. هڪ تہ هو اهڙي اٿانگي دور ۾ اچي سهڙيا آهن، جڏهن اژدو اژدها جيان متان ڦڻ ڪڍيو بيٺي ڦوڪون ڏئي، وري ڪين جي استاد تڪريا سي پاڻ ڏوڪڙ ڏيئي پرتي ٿيا هئا. اڳين استادن جي پڙهائي ۽ پڙهائڻ پيٽ پوجا جي وسيلو هئڻ سان گڏ شيوا پڳتي ۽ عبادت پڻ هئي، اجوڪو استاد خواهہ صحافي، ماستري يا صحافت کي ريلوائي ويٽنگ روم جيان استعمال ٿو ڪري، تہ جيسين سندس منزل واري ريل اچي سهڙي، تيسين ڪرسيءَ تي ويهي ڪڙيون گرم ڪري، جئن چوٽي آهي تہ "پڳي سان ئي پيرا جيسين رتو راس ٿئي"

هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ صحافت (جرنلزم) ڪان مراد آهي، ئي، اهڙو ادب جو تڏي تي ۽ تڙتڪڙ ۾ سرانجام ڏنو وڃي. هونئن بہ اخبار جي ڄمار آهي گهڻي؟ ڪل چار پهر. رات ۾ پٺاري سورنهن سينگار ڪري نهي جڙي ڪنوار تي صبح جو پڙهندڙن جي ور جڙهي، ۽ وري شام جي ٽاڻي رنڙ ٿي دربدر رلندي رهي، پوءِ ڪي مٿس ترس آڻي ڪيس پڪوڙن ويڙهڻ جي ڪم آڻين، تہ ڪي بي رحم وري منجهس پراڻا پادر پارسل ڪن. خود اخبار جي اڏاوت ۽ اوساري پڻ پنجن يا ڇهن ڪلاڪن ۾ مس وڃي راس ٿئي ٿي - باقي وقت جي سيڙپ ٿئي ٿي اخبار جي ڇپائي ۾، ايجنٽن وٽ پهچ ۽ گراهڪن ڏانهن ورڇ ۾. اهوئي ڪارڻ آهي جو اخبار جي رپورٽرن، خاطن يا سب - ايڊيٽرن کي ڳالهيون پڳي رفتار تي خبرن جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ گهڙائي ڪرڻي ٿي پوي. ظاهر آهي تہ اهڙي وٽ ڀڪڙ جي صورتحال ۾ سواءِ تجربي ڪار صحافيءَ جي، پئي ڪنهن سيڪڙات کي ڪهڙي مجال جو مواد کي ٺاهي جوڙي، ۽ وري

سائگي وقت کيس وارنش سان پالش ڪري ۽ جرڪائي به!

وقت جي پيڙ ۾ پيچ پيچان ۾، اسان جا نوجوان صحافي پوءِ خبرن جو پورائو ڪرڻ لاءِ زور رکن ٿا اڙدو اخبارن جي انڌاڌند ترجمن ڪرڻ تي. نج ۽ ٺيٺ سنڌي لفظ ته وچي ڪڏ پيا. پر عام فهم اکرن جي به چاڻ نه هئڻ ڪري هو ڏڙا ڏڙ اڙدو اکر استعمال ڪندا ٿا رهن. اهو ئي سبب آهي جو اوهان کي سنڌي اخبارن اندر "معطل" حيثيت، تشخص، مزاحمت، منتشر، محصورين، متاثرين ۽ مداخلت" جهڙا ڦوڙاٽ اکر، عام جام سنڌيءَ جي سيني تي مڱ ڏريندي نظر ايندا!

وڏيڪ ۽ وڏو ويل وري انهن مچايو آهي جي اڙدو اکر ته استعمال ڪن ٿا "الاجي نه". پر هنن همراهن وري پنهنجا هترادو ۽ جڙتو اکر گهڙڻ تي سندرو ٻڌو آهي، جي لفظ نه لغت ۾ آهن ۽ نه وري رواج ۾. اڳ اسان وٽ هڪ اڌ اهڙو داتو ڪٽو هوندو هيو، جو اکرن تي ڏاڪڻ ناهي پوءِ چاڙهيءَ تي چڙهندو هيو، پوءِ ڪو "ڏتڙيل سنڌين" جي سياست ڪندو هيو ته ڪو وري "ذات ڏٺين" جي آدمشماري ڪرڻ تي ڪٽ ڏيندو هيو. هاڻ ته خير سان ولر وڏو ٿيو آهي ان ڪري اکر به انوکا ايجاد ٿي رهيا آهن.

هن ڏس ۾ جو تازو به تازو لفظ اخبارن ۾ استعمال ٿي رهيو آهي سو آهي "ستبيل" پوءِ ڪي پوڏ جا ستيل آهن ته ڪي وري برسات جا ستيل. ستيل نهايت ڳورو ۽ ڳردار لفظ آهي، جو مارشل لا دور ۾ ايجاد ٿيو ٿهريو هيو جڏهن مسڪين ماڻهن جي پٺين تي ٿٽڪا (ڪوڙا) اڳڙن جيان وسائي سندن چمڙي ادېڙي ٿي وئي، عام فهم اکر "ستايل" آهي جو صدين کان رواج ۾ آهي. ستايلن جي سهائتا سنڌيءَ ۾ عام محاورو آهي. ممڪن آهي ته ماڻهو ڪي ست ڪٽ واري دور ۾ ستيل لفظ کي وڌيڪ وزن وارو ڄاتو ويو هجي! نوان لفظ جوڙڻ ڪو خراب ڪم ڪونه آهي، بلڪ جن ملڪن جا ماڻهو ترقي پسند هوندا آهن ۽ منجهن علم ادب جو ذوق شوق جام هوندو آهي، اتي هنرمند ڪاريگر ۽

دانشور هنر فن ۽ ادب ۾ نيون نيون ڳالهيون ايجاد ڪندا آهن.

نوان لفظ ايجاد ڪرڻ يا ڌارين اکرن جي استعمال ڪرڻ تي ڪا بندش نہ آهي، پر شرط هي آهي تہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ جڏهن ڪا ڪوٺ هجي يا اڻاٺ تہ پوءِ سڀ ڪجهہ جائز آهي، ڇوتہ ڪين آهن تہ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي.

ٻوليءَ جي هاٺوڪي بگاڙ ۾ جنس جو غلط استعمال سر فهرست آهي. خاص طور جڏهن جملي ۾ ڌارين ٻولين جا اکر ڪتب آندا ٿا وڃن. مثال طور "آپريشن" انگريزي اکر آهي، جنهن جي معني آهي "ڊاڪٽري وڍڪٽ، جراحي يا ڪارروائي" جنس جي لحاظ کان هي لفظ مونث طور ڪتب ايندو آهي، پر اڄ ڪلهہ هن لفظ کي جنس مذڪر طور عام استعمال ڪيو ٿو وڃي تہ "آپريشن ٿيندو يا ڪيو ويندو. آپريشن هميشہ ٿيندي آهي يا ڪئي ويندي آهي، نہ فقط آپريشن پر اهڙا هڙئي انگريزي اکر جن جي پٺ ۾ "شن" لاڳو ٿيل آهي، سي سيئي جنس مونث ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن، جئن ٽرانسليشن، ڊڪٽيشن، ڪوآپريشن، سيپريشن وغيره، هي اصول سڄاڻ استادن اڳيئي طئي ڪري ڇڏيا آهن. هن ڏس ۾ فقط هي چوڻ ڪافي نہ آهي تہ لاڙ ۾ اسان وٽ آپريشن ٿيندو آهي، نہ وري هي ڪو مناسب دليل آهي تہ ڊاڪٽري آپريشن ٿيندي آهي، باقي ملٽري آپريشن ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ جو ڏاڏي جي لٺ کي ٻہ مٿا ٿيندا آهن.

جنس جو دارومدار لفظ جي ذاتي حيثيت ۽ نوعيت تي آهي جيئن "اڄر جو چولو - اڄر جي قميص - اڄر جو بوٽ - اڄر جي جُتي - قلم سنو آهي - پينسل سني آهي - چاقون مڏو آهي، ڪاتي تکي آهي - ڪانئين ڌارڻ جو ڪهاڙو - لام وڍڻ جي ڪهاڙي - خبر ملي آهي - خيال چڱو آهي - اخبار آئي آهي - رسالو شايع نہ ٿيو آهي - صورتحال سني آهي - فرياد داخل ٿيو آهي - اسيمبلي اجلاس اڄان ٻہ ڏينهن هلندو - اليڪشن ٿيندي، وغيره.

سنڌي ٻوليءَ جا اڪثر لفظ عدد واحد توڙي عدد جمع ٻنهي ۾ هوبهو هڪجهڙا استعمال ڪيا ويندا آهن، جئين "سوچ، سمجهه، خيال وغيره. هن ڏس ۾ اسان جا ڪي اديب اڙدوءَ جي نقش قدم تي هلندي سنڌي اکرن کي هرويرو ٻچ ٻڌي "جمع" بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سنڌيءَ ۾ "ياد" واحد توڙي جمع آهي، پر اڄ ڪلهه هن لفظ جي ٻيڙي سير تي آندي ويئي آهي ڪڏهن "يادون" تا لکن ته ڪڏهن وري "يادیون!" جيڪڏهن ڪين جمع ۾ لکڻ لاءِ لاچاري آهي ته پوءِ "يادگيريون" چئي سگهن ٿا ۽ نه يادون! ساڳي ريت سنڌيءَ ۾ "سوچ" جو جمع "سوچون" نه آهي پر "سوچ" سين جي آهي - اوهان جي سوچ، سڀ جي سوچ يا جڳ جهان جي سوچ! اوهان جڏهن به اهڙن خاص لفظن جو جمع ۾ اظهار ڪندا ته سمورو مامرو ٻي سودو ٿي پوندو. مثال طور "مائي ڀاڳيءَ اڄ ڪار چاڙهي آهي"، پر جيڪڏهن جمع ۾ به اوهين ڪار بجاءِ "ڪاريون" لفظ استعمال ڪندا ته مونجهارو ٿي پوندو.

هي برابر آهي ته اڄ ڪلهه سنڌي ٻولي وارثن هوندي سوندي به چوري چني آهي ۽ ساٿس ڇيڙڇاڙ ڪرڻ تي ڪا جهل پل آهي ئي ڪانه، جئين چوڻي آهي ته انڌي جي جوءِ جو الله واهي آهي! پر تڏهن به شڪر الحمد لله جو اڃان ڪي آهين جوڳي جوءِ ۾ جن ڪي نه فقط ٻهڳڻ ٻولي سان هٿوپائي ڪرڻ تي ڪهڪاءَ ٿو اچي يا ڪين اندر ۾ ڇهنبڙيون ٿيون پون، پر سندن رت به ٿو ٽهڪي، اوهان ڏٺو هوندو ته ويجهڙائي ۾ ٻن ٽن مضمونن جي ڇپجڻ تي ئي، ايترو اثرائتو رد عمل ٿيو، جو ڪراچيءَ جي سنڌي اخبارن ڪان اڙدو اکر ائين اوچتو ئي اوچتو غائب ٿي ويا جئين گڏهه جي مٿي تان سڱ. اسان جي پنهنجن اديبن ۽ صحافين ۾ وڏيون اميدون آهن ته هو سنڌي ٻوليءَ جي سَترُ، سونهن ۽ صحت جي بيحد حفاظت ڪندا. هونئن به اسان وٽ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ ٻيو رکيو ئي ڇا آهي - سواءِ امڙ ٻوليءَ جي؟ ڪيس ويس وڳا ٻهرائي اڄو اجرو رکڻ بجاءِ جي ٻاڻ بيهي سندس لوئي ليڙون ڪريون ته اها هڪ ٽرئجڊي ٿيندي!

سنڌي اخبارن جي ٻوليءَ جو جائزو

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

روزانه "عوامي آواز" ڪراچي

1.9.94: جُنونيت- مذهبي جنونيت جي پاڙ پٽڻ لاءِ پنجاب جي گورنر جي تجويز (حالتن جي ڇنڊڇاڻ واري مضمون جو عنوان).
جنونيت لاءِ "چريائي" جو لفظ مناسب ٿيندو.

4.9.94، 300 سنڌي ملازمن کي ڪراچي بدر ڪرڻ سنڌ خلاف سازش آهي (خبر)- بدر ڪرڻ بجاءِ "نيڪالي ڏيڻ، ٻاهر ڪڍڻ/ تڙڻ". ڪراچيءَ مان ڪڍڻ استعمال ڪيو وڃي ته وڌيڪ سولو لڳندو.

8.9.94، غاصب ۽ احتساب- غاصبن جي احتساب جو وقت اچي ويو آهي (قائم علي شاهه).
غاصب: ٻين جا حق ڪسيندڙ- احتساب: حساب ڪتاب/ ڪيتو لوڙائڻ Accountability حق ڪسيندڙن جو/کان حساب ڪتاب.

6.9.94: يوسي درسائو ڇنو جي ڪارڪردگي مقامي ادارن ۾ مُنفرد آهي. (نادر وساڻ).
سنڌي گرامر مطابق "مڪاني ادارن ۾ درسائي ڇني وارن جي ڪارڪردگي نرالي آهي" ٿيڻ کپي.

(2) ڳجهين ايجنسين ترين مارچ کي سي گريڊ قرار ڏئي ڇڏيو (رپورٽ جي سرخي)- قرار ڏيڻ بدران 'جاچائڻ' ڪم آڻجي يا ڇني ڇڏيو لکڻ گهرجي.

7.9.94، خيرپور ۾ 3 ماڙ عمارت ڪرڻ سبب ..... (خبر)

3- ماڙ معنيٰ ٿن ماڙين واري عمارت. انهي ڪري "ٽماڙ ڪرڻ...." لکجي ته هرج نه آهي.

10.9.94: ڊائريءَ جو ٽڪرو- ايبنارمل (مضمون جو عنوان)
گهڻ چاڻ وارو مٿئين عنوان مان ڪهڙو مطلب وٺي؟ اهو عنوان هن ريت هئڻ گهرجي. غير رواجي ماڻهوءَ جي ڊائريءَ جو ٽڪرو.
"هڙڪ هلو" (آفتاب) اهو ڏسندي ڏسندي اردو "ديکها ديکهي" جو ڦِڪو لفظي ترجمو آهي.

13.9.94: "هڪ روزه" ڪانفرس (پ-ر) "هڪ روزه بدران "هڪ ڏينهن واري ڪانفرس لکيو/ چيو وڃي ته مناسب ٿيندو.

20.9.94: "ملي ڀڳت" - انتظاميا ملي ڀڳت ڪري..... (خبر). اُن جاءِ تي ناني ويڙهو لکڻ گهرجي.

26.9.94: نواز شريف عوام جي دولت حرام سمجهي ڦٻائڻ چاهي ٿو: (وزيراعظم)
جيڪڏهن حرام سمجهي ته ڦٻائي ڇو؟ جملو هن طرح هئڻ گهرجي..... عوام جي دولت کي پاڻ لاءِ حلال سمجهي ڦٻائڻ گهري ٿو يا مفت جو مال سمجهي ڦٻائڻ گهري ٿو يا حرام بجاءِ نڌڻڪي لفظ لکڻ گهرجي.

27.9.94: زهير اڪرم نديم جي نواز ليگ کان بغاوت. (خبر)
"کان بغاوت" نه پر "سان بغاوت" ٿيندو يا لکجي مُنهن موڙ.

روزانه "عبرت" حيدرآباد

1.9.94: رهزن ڌاڙيل: سنڌ جو هڪ وڏيڪ رهزن ڌاڙيل سرور چانڊيو گرفتار (خبر)
رهزن: راهه ويندڙن کي ڦريندڙ- ڌاڙو هڻندڙ/ ڦريندڙ- به ساڳي معنيٰ وارا لفظ غيرضروري طرح ڪم آندا ويا آهن.

بدنام ڏاڙيل لکيو وڃي تہ مطلب واضح ٿي پوندو.

3.9.94: هنگامي رٿابندي:

برسات ۽ ٻوڏ جي ستايلن جي واهر لاءِ هنگامي رٿابندي (خبر). هنگامي جي بجاءِ تکڙي/ ترت/ فوري/ لکڻ گهرجي.

واءِ جا جهونڪا خوشبو ٿي پيا (رپورٽ)

"جهونڪا" پنهنجو لفظ ناهي، "واءُ جا جهوٽا" چوڻ کپي.

سنڌ ۾ زرعي منڊين جو چار وڃايو ويندو (خبر)

منڊي (جمع منڊيون) اسان جو لفظ نہ آهي. ان جي جاءِ تي / پڙين/ مارڪيٽن لکڻ گهرجي.

انگريزي لفظ "مارڪيٽ" اڳ ۾ ئي مروج ٿي چڪو آهي جنهن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ آهي "پڙي".

7.9.94: عوامي نمائندا ستايلن جي واهر لهن. (بينظير ڀٽو)

"واهر لهڻ" غلط اصطلاح آهي. "واهر ڪرڻ: معنيٰ مدد ڪرڻ- "واهر ڪن" صحيح ٿيندو.

ماحولياتي آلودگي: ڪي اخبارون "ماحول جي گدلاڻ" لکن ٿيون، جيڪو سمجهڻ ۾ وڌيڪ سولو آهي.

زرعي سامان تي مهانگائي ٽئڪس نہ ورتو وڃي (مطالبو)

"..... ٽئڪس نہ ورتي وڃي" صحيح ٿيندو.

8.9.94: پوليس ٿاڻي تي ٽارچر سيل هئڻ جو انڪشاف.

پوليس ٿاڻي ۾ ايذاءَ گهر موجود هئڻ جي خبر. ائين لکڻ سان جملو وڌيڪ صحيح ٿيندو.

11.9.94: ڪوٽ غلام محمد ۾ ڀاڄين جي فراهمي بند ڪئي وئي. (خبر)

ان بجاءِ لکجي. ڀاڄين جي رسَد/ پهچ/ بند ڪئي وئي.

سنڌ جا تاريخي ماڳ مسمار ٿيڻ لڳا. (خبر) هتي لکجي تاريخي ماڳ ڀُرڻ / ڊهڻ/ ڪِر ٿيڻ لڳا.

12.9.94: نانگن بلائن جي يلغار (خبر)
"يلغار" بجاءِ حملو يا ڪاهہ لکڻ گھرجي.
13.9.94: (1) شديد طوفاني برسات، ڪوهستان ۾ هاڃا ڪري ڇڏيا (خبر)
"برسات جا راڳا" تيندا آهن، جڏهن تہ "هاڃا" معنيٰ ظلم/ ڏاڍ ڏمر آهي. مثال: هيڏا هاڃا ٿين، ٻُري هن ڀنڀور ۾ (شاهہ).
راڳا ۽ هاڃا ڌار ڌار معنائن وارا لفظ آهن.
(2) بدين ۽ ٺٽي ضلعي ۾ برساتن جا هاڃا (خبر)
هن سرخي ۾ ٻن ضلعن جي ڳالهہ ڪئي ويئي آهي. مٿين خبر کي صحيح سنڌي ۾ هن طرح لکي سگهجي ٿو:
بدين ۽ ٺٽي ضلعي ۾ برساتن جا راڳا.
14.9.94: (1) بينظير ڀٽو کي جمهوريت سان گهري دلچسپيءَ تي خراج تحسين (خبر)
هيءَ خبر تہ ڪنهن اردو اخبار تان ترجمو ڪئي ويئي آهي "زبردست خراج تحسين" بجاءِ مبارڪون لکڻ گهرجي.
(2) 17 هزار ڪلو گرام هشيش اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام (خبر). اسمگل بجاءِ سمگل لکڻ گهرجي.
(3) سنڌ ۾ بجليءَ جو وڏو بريڪ ڊائون. بريڪ ڊائون لفظ عام نہ آهي. ان لاءِ ڪي سؤلا ۽ سهڻا لفظ ڳولڻ گهرجن.
(4) ڪوٽا سسٽم ختم ڪرڻ واري فيصلي خلاف ننڊا (خبر). هيءَ جملو غلط آهي. اهو هن ريت هئڻ گهرجي. فيصلي تي ناراضگي يا فيصلي خلاف احتجاج، مظاهرو.
ڪنهن بہ اڻوڻندڙ فيصلي جي "ننڊا" تہ ڪئي ويندي آهي، جڏهن تہ فيصلي خلاف احتجاج/ مظاهرو ڪيو ويندو آهي.
(5) عام راءِ جي ٻناوٽ (ڪالم)
"ٻناوٽ" جي معنيٰ ڇا آهي؟ هئڻ گهرجي عام راءِ جو اظهار/

جي تعميل/ جي اهميت.

(6) امدادي ڪاروائين ۾ هيراڦيري ٿيڻ نہ ڏبي. (خبر) اهو جملو هن ريت هئڻ گهرجي .... ڪاروائين ۾ هيٺ مٿاهين/ اَبت سُبت/ ٿيڻ نہ ڏبي. "هيرا ڦيري ڪرڻ" سنڌي جو اصطلاح نہ آهي. اهو ڏاريُي بيمار اصطلاح جو لفظي ترجمو آهي.

17.9.94، (1) ڪراچي ۾ "موت جو رقص جاري (خبر)

"موت جو رقص" ڏاريو اصطلاح آهي، جڏهن تہ "موت جو راڪاس" چئي سگهون ٿا. مٿين لفظن کي هن طرح پڻ لکي سگهجي ٿو، ڪراچي ۾ موت جو راڪاس گهمي رهيو آهي.

(2) طاقتور ٽرانسمنگ اسٽيشن قائم ڪئي ويجي (مطالبو)

"ٽرانسمنگ" نہ پر "ٽراسمٽنگ..... جي جاء تي "طاقت ور خبر رساني" لکڻ گهرجي.

(3) ابلاغ عام ۽ راء عام (مضمون جو عنوان)

ڏور ڦهلاءُ "عام ڦهلاءُ ۽ عام راء" بہ تہ چئي سگهجي ٿو.

18.9.94، واپاري 20 سيپٽمبر تي ڪفن سرن سان ہڏي نڪري اچن (نواز شريف).

"ڪفن سر سان ہڏڻ" اسان جو اصطلاح هرگز نہ آهي. "ڪفن پائي" يا سر ترِي تي رکي اچن، وڌيڪ صحيح ٿيندو.

19.9.94، زوري 'هڙتال' ڪرائيندڙن خلاف سخت قدم کڻڻ جو فيصلو (خبر).

'هڙتال' ٻنهن جي ٻولي‌ء لفظ نہ آهي، جڏهن تہ پاڻ وٽ "هٽ تاڙ" (هٽ/ دڪان کي "تاڙي ڏيڻ/ بند ڪرڻ) موجود آهي، جو صحيح آهي.

24.9.94، سنڌ ۾ معدني ذخيرن جي "ذيان" ٿيڻ جو خدشو (خبر).

"ذيان" نہ پر "زيان" لکڻ گهرجي.

26.9.94 پاڪستاني فوج کي هٿيارن سان "ليس" ڪيو ويندو.

"ليس" پنهن جو لفظ هرگز ناهي. "ليس" جي معنيٰ "تيار" آهي. مٿي آيل جملي کي هن طرح بہ تہ لکي سگهجي ٿو. (پوري طرح) هٿيابند ڪيو ويندو.

(2) اردو ڳالهائيندڙ سنڌ دشمن الطاف خلاف اٿي ڪرُو ٿين. (اپيل) "اٿي ڪرُو ٿين" نہ، پر "اٿي ڪرا ٿين" لکڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ جملي ۾ فائل (ڳالهائيندڙ) "جمع" ۾ آيل آهي.

(3) مورو جون موتمار حقيقتون (عنوان) اهوعنوان "موري جون......" ٿيڻ کپي.

27.9.94: جلوس تي فائرنگ ۾ لنبازي. (خبر)

گولين جا ڪڙڪا فائرنگ جا ڌوڌڪاء ۾ لنين جا ڌوڙيا. ائين لکڻ گهرجي.

28.9.94: ٽئڪس ڏيندڙ پنهنجا گوشوارا 2 آڪٽوبر تائين داخل ڪرائين (اعلان). اهو هن ريت لکڻ گهرجي.... پنهنجا حساب ڪتاب/ انگ اکر داخل ڪرائين.

"گوشوارا": حساب ڪتاب جو نقشو.

(2) ڪمند جي آبادگارن تي ڳاٽي ڀڳو ٽئڪس مڙهيو ويو. (خبر) "ڳاٽي ڀڳو ٽئڪس" نہ پر "ڳاٽي ڀڳي ٽئڪس" ٿيڻ کپي.

روزانہ "هلال پاڪستان" ڪراچي.

1.9.94: استاد ۽ شاگرد عظيم مقصدن کي پنهن جو 'نصب العين' بنائين. (بينظير ڀٽو)

هتي نصب العين بجاء مقصد، رهنما اصول يا آدرش لکڻ گهرجي.

2.9.94: موسمي ڏيڏر ۽ ڀپ پرڻ ۾ پورا آهن (قادر مگسي)

"ڏيڏر ۽ ڀپ پرڻ" وچ ۾ "۽" اجايو اچي ويو آهي.

ڪراچي پورٽ تي عملدارن جي ملي ڀگت سان ڦرلٽ جا واقعا.

(خبر)
"ملي پيڪٽ" ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌي لفظ نہ آهي. ان بجاءِ 'صلاح'/ ٺاهہ لکڻ گهرجي. يا اهو جملو هن ريت لکبو وجي؛
ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي خزاني جي هٿ ورچ. عملدارن جو ناني ويڙهو.

8.9.94؛ اسلامي دنيا لاءِ (4- نقاطي حڪمت عملي) 4- نُڪاتي. يا چؤڪنڊائين لکجي.

چئن نڪتن واري "ٽِل سَل" stretegy جي پڌرائي. لکڻ گهرجي.

10.9.94؛ هٿيار فراهم ڪرڻ.....
"فراهم ڪرڻ" لاءِ "هٿيار ڏيڻ" بہ تہ ٺي سگهي ٿو. يا هٿيارن جي رسد لکڻ گهرجي.

13.9.94؛ (1) ٽنڊو باگو تعلقي ۾ وڏي تباهي.
ٽنڊو باگو، نہ پر ٽنڊي باگي لکڻ گهرجي.
پنگريو شهر ۾ گوڏن جيڏو پاڻي.
"گوڏن جيڏو" نہ، پر "گوڏي جيڏو" پاڻي چيو ويندو آهي.
ٻيو مثال؛ گوڏي جيڏي گپ.

(2) سنڌ ۾ تعليم کي بچائڻ جا ڪجهہ طريقا.
"ڪجهہ" نہ، پر "ڪي" طريقا.....

18.9.94؛ اميبائي پيچش Amoebic Dysentry هتي ٽُڙ طبي نالو ڏيڻ گهرجي.

19.9.94؛ حڪومت پاران هڙتال کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي تيار.
(خبر)
"حڪمت عملي" لاءِ "ٽل سل" ڪم آڻي سگهجي ٿو (ٽلڻ سلڻ= ڳڻ ڳوت ڪرڻ).

22.9.94، (1) ڀارت طرفان ڪنٽرول لائين جي ڀڃڪڙين جا "تباهہ ڪن" نتيجا نڪرندا. (خبر).

مرڪب لفظ "تباهہ ڪن" اردو جي معرفت فارسيءَ تان ورتل آهي. ساڳئي مفهوم/ معنيٰ لاءِ 'هاڃيڪار'/ اگرا. لکي سگهجي ٿو.

مسيحي پيشي ۾ بہ ڪي اهڙا ڪٺور دل جا ڊاڪٽر ٿي سگهن ٿا.

"ڪٺور دل جا" نہ، پر "ڪٺور دل" (بي رحم) صحيح ٿيندو.

23.9.94، لاهور ۽ گجرانوالا ۾ بمن جا ڌماڪا (شهہ سرخي)

"ڌماڪو/ ڌماڪا" بجاءِ "ڌڪاءَ/ ڌوڌڪاءَ" ڌڌڪا، لفظ ڪم آڻي سگهجن ٿا.

روزانہ "جاڳو" ڪراچي.

ايشيائي ترقياتي بئنڪ

1.9.94، ايشيائي ترقياتي بئنڪ سنڌ ۾ تعمير ٿيندڙ ڇهن ڀاڄيءَ ۽ ميوي جي منڊين لاءِ قرض جي فراهمي روڪي ڇڏي. (خبر)

"ڀاڄي منڊي يا ميوي جي منڊي- مارڪيٽ انگريزي لفظ آهي، جنهن کي هوبهو "مارڪيٽ" ڪري ڪم آندو ويندو آهي. 'مارڪيٽ' لاءِ نيٽ سنڌي لفظ "پڙي" آهي، مثال طور: مال پڙي (چوپائي مال جي نيلام جي جاءِ)، ڀاڱا پڙي (شيئر مارڪيٽ) وغيره.

"منڊي" ڌاريو لفظ آهي. جنهن کي اجايو استعمال ڪيو ويو آهي.

اهو جملو هن ريت لکيو وڃي ها: ايشيائي ترقياتي بئنڪ سنڌ ۾ تعمير ٿيندڙ ڀاڄي ۽ ميوي جي ڇهن پڙين لاءِ قرض روڪي

ڇڏيا.
مٿيون جملو هن نموني بہ لکي سگهجي ٿو:
ايشيائي ترقياتي بئنڪ سنڌ ۾ لهندڙ ڇهن ڀاڄي ۽ ميوي جي مارڪيٽن لاءِ منظور ٿيل قرض روڪي ڇڏيا.
اسان جي اندر جون سازشون (مضمون).
لفظ سازش/ سازشن سان "اندر" لفظ ملائڻ غير ضروري آهي. 'سازش' جو واسطو ئي "اندر" سان آهي، تہ پوءِ ان کي واضح ڪري لکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.
3.9.94: سڄي سنڌ ۾ زبردست طوفاني برسات. (خبر)
' طوفاني برسات' لاءِ سنڌي ۾ "مينهن واچ" چئبو آهي. ان تان اصطلاح، "مينهن واچَ ڪري اچڻ" موجود آهي.
5.9.94: سڄي ملڪ ۾ بجليءَ جو وڏو بريڪ ڊائون. (خبر)
لفظ "بريڪ" واحد طور "بريڪَ" ۽ جمع ۾ "بريڪُ" جنس مذڪر طور ڪم اچي تہ وڌيڪ بهتر آهي. يا ماهر هن قسم جي انگريزي لفظن بابت پنهنجا رايا ڏين.
7.9.94: باضابطا ڳالهيون- باضابطي ڳالهيون وڌيڪ بهتر ٿينديون.
لفظ "ضابطو" جو جمع آهي "ضابطا" لفظن جي صورتخطي بگيڙڻ کان پاسو ڪيو وڃي.
باضابطي ڳالهہ، باضابطي سوال، باضابطي ڳالهين ۾/ سوالن ۾. اهڙيءَ ريت لکي سگهجي ٿو.
9.9.94: نوازشريف جي ٽرين مارچ لاءِ ملڪ ۾ "ٽيمپو" ٺهي نہ سگهيو (خبر)
"ٽيمپو" انگريزي زبان جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. حرڪت/ چال/ انداز. هن لاءِ ڪو ٺڙ سنڌي لفظ ڳولڻ کپي.
10.9.94: سنڌ کي 'جمود' مان ڪڍڻ لاءِ "سگا" جي مدد (جائزو: مرتضيٰ کهاوڙ)

سنڌ کي ٽِنڊَ مان اکارڻ لاءِ.... سنڌ کي ڳَهرَ مان ڪڍڻ لاءِ....
سنڌ جي سُستيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ... سنڌ کي ماٺارَ مان
ڪڍڻ لاءِ. انهن مان ڪوبہ هڪ جملو ڏئي سگهجي ٿو.

11.9.94. نئين گاج تيزيءَ سان وهڪرو بدلائڻ لڳي. (رپورٽ).

لفظ "نئين" جو ضد آهي "پراڻي"، جڏهن تہ "نَئن" جي معنيٰ
آهي "جبلن تان وهي ايندڙ برساتي ندي". تنهن ڪري نَئن
گاج لکڻ گهرجي.

14.9.94: مهانگائي جي ڏائڻ غريبن جا پيٽ چٽي رهي آهي.

چوندا آهن تہ ڏائڻ هانو/ هنياء ڪڍي رت پيئندي آهي، جنهن
تان مثال طور چوندا آهن؛ ڏائڻ رت ٿي پي ويئي آهي! "ڏائڻ
"پيٽ چٽڻ" واري آفت نہ آهي.' اهو جملو هن ريت لکڻ
گهرجي؛ .... ڏائڻ غريبن کي ويهاري/ ماري/ آرائي ڇڏيو آهي.

15.9.94: مخالف ڌر جو ٽرين مارچ- ٽائين ٽائين فش! (ايڊيٽوريل)

ٽرين مارچ ۽ "ٽائين ٽائين فش" جو واسطو سنڌي ٻولي سان
هرگز نہ جوڙڻ کپي. هيئن بہ لکي سگهجي ٿو "مخالف ڌر جي
ٽرين مارچ جي نانگيل ڦوسيل ڊهي پئي".
'ٽائين ٽائين" معنيٰ بڙبڙ/ بڪواس/ لباڙ وغيره.

18.9.94: الطاف جي سالگره تي ڪراچيءَ ۾ خون جي هولي. (خبر جي
سرخي).

'خون جي هولي' سڌون سڌو ترجمو آهي. انهيءَ خبر کي پنهن
لفظن ۾ آڻي سگهجي ٿو، مثال: .... سالگره تي "رت جي
راند" کيڏي وئي/ رتوڇاڻ ڪئي وئي وغيره.

19.9.94: دٻئي چلو (فهميده حسين)

دبئي واري سفرنامي ۾، دبئي جو ذڪر هن ريت ڪيو ويو
آهي؛
انهن امارتن ۾ ڪوبہ ٻاهريون ماڻهو ملڪيت يا جائداد خريد

ڪري نہ ٿو سگھي.
"ملڪيت" ۽ "جائداد" ۾ ڪھڙو فرق آھي؟
"دبئي چلو" جي بدران "دبئي ھلو" بہ تہ ٿي سگھي ٿو. سنڌ ۾ ميلن ملاکڙن تان چوندا آھن: ھل ميلي تي! سنڌي ۾ گھر ھلو، شھر ھلو چئبو.

20.9.94: مون کي شھيد ذوالفقار علي ڀُٽي سان بي پناھ عقيدت جي بنياد تي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو (انور سولنگي)- "بي پناھ عقيدت" بجاءِ تمام گھڻي محبت لکي سگھجي ٿو.
"بي پناھ محبت" بجاءِ "اٿاھ پيار" جا لفظ مناسب ٿيندا.
ڇاڪاڻ تہ "بي پناھ" ٻاھران ورتل غيرضروري لفظ آھي.

21.9.94: اڌوري ھڙتال- مخالف ڌر جي سَڏ تي سڄي ملڪ ۾ اڌوري ھڙتال (شھہ سرخي)
"ناڪامياب يا اڻپوري ھڙتال...." ڪري چئجي.

24.9.94: طاعون جي وبا- ڇا "سنڌي ۾ طاعون لاءِ ڪو لفظ ملي نہ سگھيو آھي. انگريزي لفظ پليگ Plague لاءِ لفظ "سائو" (سنڪي مرض) مناسب ٿيندو.
ورسيءَ جو ڏڻ- حيدر جوڻيجو (راز چَنل وڳڻ)
ڪنھن اھم موقعي جي نسبت سان "وڏو ڏينھن" يا "ڏڻ" چوندا آھيون.

27.9.94: ... مشتعل ڪارڪنن گاڏين تي پٿراءُ ڪيو. (خبر)
"پٿراءُ" ڪھڙي فعل تان وَرتل آھي؟- اھو اردو تان ورتل "لفظ" آھي.
مچريل ڪارڪنن گاڏين تي پٿرن جا وسڪارا لائي ڏنا يا پٿَرَ وَسايا.

روزانہ "برسات" ڪراچي.

2.9.94: "گمبٽ کھڙا" روڊ- "گمبٽ" يا "گنبٽ"؟
هونئن تہ هي لفظ پنهي صورتخطين ۾ لکيو وڃي ٿو، پر اُن جي هڪ ئي صورت اُهائي اختيار ڪرڻي آهي، جيڪا تاريخي طور هيءَ لفظ وٺي چڪو آهي، يعني "گمبٽ". اردو اخبارون وري کھڙا بجاءِ کوڙا لکن ٿيون.
4.9.94: "سُرن جو سائيھہ" (عنوان)- "سائيھہ" يا "ساڙيھہ"؟ هي صورتخطي جو مسئلو ماهر حل ڪن.
8.9.94: ون ۾ ۾ تنگيل نامعلوم لاش هٿ آيو (خبر)
جملو هن طرح ٿيندو: ون ۾ تنگيل نامعلوم ماڻهوءَ جو لاش هٿ آيو.
9.9.94: ڪراچي، ۾ دهشتگرديءَ جي نئين لهر. (خبر)
"دهشتگرديءَ جي لهر" سنڌيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو، پر مٿين لفظن کي هن طرح لکجي تہ بهتر ٿيندو: ڪراچيءَ ۾ وري ڌمڪاءَ شروع.
10.9.94: نئين دمبالي ۽ پرپاسي برساتن سبب تباهي. (خبر)
"دمبالو" يا "دنبالو" نون غني جو مسئلو بہ هڪ اهم مسئلو آهي. اهو ڪنهن اصول هيٺ حل ڪرڻ گهرجي.
11.9.94: زهريلن جيتن وڌڻ سبب ٿر ۾ موت جو رقص (خبر)
"موت جو رقص" لڳي ٿو تہ موت وڏو ڪو "ناچُو ناپو" آهي. مٿي آيل لفظ "مشڪل پسندي" جو مثال آهن. "موت جو چڪر" چئجي تہ بہ ڳالهہ لهڪي اچي ٿي.
مٿين خبر هن طرح بہ لکي سگهجي ٿي: زهريلن جيتن ٿرواسين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو.
12.9.94: "ڪئنات جا مشاهدا" (عنوان)
"ڪئنات" نہ، پر "ڪائنات" جا مشاهدا" ٿيڻ کپي.
13.9.94: ناري جون لکين ايڪڙ زمينون "اڻ ڏيانيءَ" سبب "بنجر"

پٺيل. (خبر)

"بنجر" ڌاريو لفظ آهي. "بنجر" جي معنيٰ غيرآباد آهي. آباديءَ هيٺ نہ ايندڙ زمينون. اڻ ڏياتي بجاءِ بي ڏياتي لکجي تہ بهتر ٿيندو.

15.9.94: ڪيٽرائي "محلا" پاڻي هيٺ (خبر)

'محل' معنيٰ "پاڙو" تہ پوءِ "ڪيترائي پاڙا پاڻيءَ هيٺ" لکيو وڃي تہ بهتر ٿيندو، ڇو جو محلو ڌاريو لفظ آهي.

16.9.94: پي- ٽي- سي والوچرنِ جو عالمي منڊيءَ ۾ وڪرو شروع (خبر)

'عالمي منڊيءَ' بدران "عالمي مارڪيٽ" بهتر ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ لفظ "مارڪيٽ اسان وٽ ڪاليج وغيره وانگر پنهنجي اصلوڪيءَ معنيٰ ۽ مفهوم ۾ مروج ٿي ويو آهي. "لفظ منڊي" ڪم آڻيون تہ ايڏو خراب ناهي، پر منهنجي خيال ۾ مارڪيٽ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

18.9.94: (1) هڙتال دوران قانون ٽوڙيندڙن کي ڪچليو ويندو (بينظير ڀٽو)

"ڪچليو ويندو"- اسان وٽ 'ڪچلڻ' وارو لفظ/ اصطلاح آهي ئي ڪونہ! تنهن ڪري ان جي جاءِ تي "چِٿيو ويندو" لکيو وڃي.

(2) برسات ستيلن جي بنان "مت پيد" جي مدد ڪبي (خبر)

"مت پيد" ويڇو/ فرق. لکڻ گهرجي: برسات جي ستايلن جي بنان ڀيد ڀاءُ يا ڪنهن ويڇي جي مدد ڪبي.

23.9.94: شاعريءَ جي هول سيل مارڪيٽ (عنوان)

لفظ "مارڪيٽ جي "ٽ" مٿي پيش ڏيئي، متحرڪ ڪري استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ "مذڪر" طور ڪم ايندو آهي. عنوان جا لفظ هن طرح هئڻ کپن. شاعريءَ جو هول سيل/ ٻڌو

مارڪيٽ.

27.9.94، پرڏيهي متاسنا جي منڊيءَ جو تصور (مضمون جو عنوان)

"منڊي" بيمار لفظ آهي جو اڌارو ورتو ويو آهي.

"مارڪيٽ" لاءِ اسان وٽ لفظ "پڙي" يا مڏي مشهور آهي.

لفظ "مارڪيٽ" پڻ استعمال ٿيندو رهي ٿو. هيڊنگ هن ريت ٿيندي، پرڏيهي متاسنا جي مارڪيٽ جو تصور.

روزانه "عوامي آواز" ڪراچي.

12.10.94، (1) نوري آباد ۾ پوليس جو چاپو (خبر)

"چاپو" ڌاريو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "چڙهائي" (مٿان اچي ڪڙڪڻ). خبر هن طرح به لکي سگهجي ٿي: نوري آباد ۾ پوليس جي چڙهائي.

13.10.94: (1) پيرجو ڳوٺ لڳ مقابلي ۾ هڪ ڌاڙيل مارجي ويو (خبر)

جملو هن طرح هئڻ گهرجي: پيرجي ڳوٺ لڳ.....

(2) اطلاع گمشدگي (اشتهار جو عنوان). انهيءَ کي هن طرح به لکي سگهجي ٿو: "گم ٿيلن جو اطلاع/ ڏس پتو گهرجي."

14.10.94، (1) ميمبرن جو اڻ اعلانيا واڪ آئوٽ (خبر)

ميمبرن اعلان ڪانسواءِ واڪ آئوٽ ڪيو. يا اڻ اعلانيو واڪ آئوٽ ڪيو. يا اوچتو واڪ آئوٽ ڪيو.

(2) خيرپور ضلعي تي افغاني پکوڙن جي ڪاهه (خبر)

لفظ "پکوڙا" سنڌي ٻوليءَ جو هرگز نه آهي. ان لاءِ پاچوڪ/ پاچوڪڙ" مناسب ٿيندو، جيڪو فعل "پچڻ" مان ورتل آهي.

... پکل افغانين جي ڪاهه.

(3) پيراشوٽ ڪنهن ايجاد ڪيو؟ (معلوماتي مضمون جو عنوان)

مٿيون سوال هن طرح هئڻ کپي: پيراشوٽ يعني هوائي ڇٽي

ڪنهن ايجاد ڪئي؟

15.10.94: سنڌ ۾ ڏارين جي موجودگي ترقي ۾ رڪاوٽ جو مکيا ڪارڻ آهي (قادر مگسي). هن جملي ۾ "مکيا" نه پر "مکيهُ" هئڻ کپي. ۽ رڪاوٽ بجاءِ رنڊڪ وڌيڪ بهتر ٿيندو.

16.10.94: سانگهڙ لڳ متارو مان تيل ۽ گئس جو وڏو ذخيرو دريافت (خبر). 'متارو' ڦري متاري ٿيندو؛

سانگهڙ لڳ متاري مان تيل ۽ گئس جو وڏو ذخيرو لڌو.

19.10.94: هالا لڳ بس ڪلٽي (خبر)- "ڪلٽي" اسان جو لفظ نه آهي. هيئن ئي ڪٺي چئجي؛ هالن لڳ بس اونڌي.

20.10.94: (1) پيارو فقير سائين جي عرس تي صوفين جو ميڙاڪو (رپورٽ)

متي آيل لفظن جي جوڙجڪ هن طرح هئڻ گهرجي:

سائين پياري فقير جي عُرس تي صوفين جو ميڙاڪو.

(2) سکر پوليس هتان رنگ رليون ملهائيندي ٻه جوڙا گرفتار (خبر)

"رنگ رليون" سنڌي لفظ نه آهي.

.... موجون مائيندي/ مزا مائيندي ٻه جوڙا گرفتار.

25.10.94: عبدالغفار تبسم جي ڪتاب 'سوچون، صحرا، سراب' جي مهورت (خبر)

هن ڪتاب جو عنوان "مشڪل پسندي" تي آڌاريل آهي ۽ 'جي مهورت' بجاءِ جو مهورتُ لڪڻ گهرجي.

روزانه "ڪاوش" حيدرآباد

7،1.9.94 ٻوڏ جي متاثرين لاءِ...... . اهو جملو غلط آهي. لفظ متاثرين بجاءِ ستايل صحيح ٿيندو. يا ٻوڏ کان متاثر ٿيلن/ ٻوڏ جي ستايلن لاءِ.....

8.9.94: ڪراچيءَ ۾ پورهيت سنگت پاران احتجاجي مظاهرو ۽ مارچ

(خبر)
’مظاهرو‘ گهڻو ڪري احتجاج طور ئي ڪيو ويندو آهي. مٿين خبر ۾ لفظن جي بيهڪ هن طرح هئڻ گهرجي: .... سنگت پاران احتجاج، مظاهرو ۽ مارچ.

12.9.94: (1) وڏيرن ۽ ڪامورن جي ملي ڀڳت.....
سنڌي فعل ”ملڻ“ مان اسم مِلت، مثال طور چوندا آهن پاڻ ۾ ’ملتِ‘ آهن، يعني مليل آهن- البت ”ملي ڀڳت“ اسان جو اصطلاح هرگز نہ آهي ۽ غيرضروي طرح استعمال ۾ آندو ويو ٿو. ملي ڀڳت بجاءِ ناني ويڙهو لکڻ گهرجي.

(2) گرلس هاءِ اسڪول ’چڪ‘ جا 6 ڪمرا ڏماڪي سان ڊهي پيا (خبر)
’ڏماڪي‘ بدران ’ڌڏڪي‘ صحيح ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ ’ڏماڪو‘ اڌارو ورتل لفظ آهي.

12.9.94: آبپاشي کاتي سيوهڻ جي ايس ڊي او ۽ سب انجنيئر سوڏو 7 ڄڻا گرفتار (خبر)
”آب پاشي کاتو“ جي جاءِ تي ”نهري پاڻيءَ وارو کاتو“ چئي سگهجي ٿو. انجنيئر سوڏو بجاءِ انجنيئر سوڏا لکڻ گهرجي.

15.9.94: ميونسپل نواب شاهہ جي ائڊمنسٽريٽر ۽ چيف آفيسر تي ملازمن جو ”پٿراءُ“ (خبر)
”پٿراءُ“ لاءِ ”پٿرن ۽ پيندن/ ڪڙن/ پترن جو وسڪارو“ چئجي تہ ڪهڙوهرجُ آهي؟

17.9.94: ڪراچي ۾ دهشت گردن جي انڌا ڌنڌ فائرنگ (خبر)
’انڌا ڌنڌ‘ فائرنگ لاءِ هيٺيَن بہ چئي سگهجي ٿو: فائرنگ جا ڏوڙيا......ڇتي فائرنگ.

(1) سماجي تنظيمن بابت تجويز ڪيل بل سماجي تنظيمن ۾ ”ڀونچال“ آڻي ڇڏيو (خبر)

اهو جملو هن ريت لکڻ گهرجي .... بل سماجي تنظيمن کي ڏوڏي ڇڏيو.

19.9.94: عبدالله شاهه ۽ ايم- ڪيو ايم جي مذاڪراتي ٽيم ۾ هڪ ڪلاڪ ڳالهيون. (خبر)

'مذاڪراتي' لاءِ "ڳالهيون ڪندڙ" ڪم آڻي سگهجي ٿو.

24.9.94: قوم، مسئلن ۾ قاتل آهي ۽ سياستدان پنهنجي دڪانداري چمڪائڻ جي پويان آهن (عبدالله شاهه)

"دڪانداري چمڪائڻ" پنهنجو اصطلاح هرگز نه آهي. "ٽِڪ ٻيهارڻ" سنڌي اصطلاح آهي، جنهن جي استعمال سان مفهوم سمجهه ۾ اچي ويندو. يا ڪٿي چئجي ته سياست بازي چمڪائڻ جي پويان آهن.

26.9.94: اڌ ڪراچيءَ کي 10 ڪلاڪن تائين بجليءَ جي فراهمي معطل (خبر) اهو جملو هن ريت لکڻ کپي. اٽڪل رُوءِ ڪراچيءَ جي اڌ کي 10 ڪلاڪن تائين بجلي ملي نه سگهي.

28.9.94: منهنجي حڪومت کي ڪوبه 'غيرمستحڪم' نه ڪري سگهندو (بينظير). اهو جملو هن طرح به ٿي سگهي ٿو: منهنجي حڪومت کي ڪير به لوڏي/ ڏوڏي نه سگهندو.

روزانه "عبرت" حيدرآباد

5.10.94: افغان پکوڙا ڪتڪن ۾ سنڌ اندر داخل ٿي ويا (خبر)

"پکوڙا" نه پر "پاڇوڪڙ" (پڇي جان ڇڏائيندڙ) پاڇوڪ/ پاڇوڙ.

6.10.94: تشدد جو سهارو ورتو ويو ته سرَ جو جواب پٿر سان ڏينداسين (غوث علي شاهه)

"سرَ جو جواب پٿر سان ڏيڻ" ڪنهن به صورت ۾ سنڌي اصطلاح نه آهي. سنڌي سنڌون ڏڪ هڻندا آهن. هڻ لٺ.

لوڙهه، گهوٻاٽو وغيره.

14.10.94: سِرَ جي خاتمي لاءِ هنگامي اُپاءَ (خبر)

"هنگامي" نہ پر "تکڙا اپاءَ".

(2) درياءِ سنڌ ۾ لاٽ ڪانپوءِ خطرناڪ ڪاڙ جو عمل شروع ٿي ويو (خبر)

ڪاڙ جو عمل، ڪي سولو بنائي. هيٺن ڇئي سگهجي ٿو: ....

لاٽ ڪانپوءِ خطرناڪ "ڪاڙ" شروع.

(3) عراق جو وري ڪويت ڏانهن جارحانہ رويو (خبر)

عراق جي وري ڪوئيت سان اڳرائي. لکڻ گهرجي.

(4) فنڪارن کي قلمن تي وڏيڪ ڏيان ڏيڻ گهرجن. (غلام معين الدين)

صحيح نالو "غلام محي الدين" آهي.

16.10.94: ڪاڇي جو سمورو علائقو ٻڏل آهي. ماڻهو لنگهڻ ڪاٽڻ لڳا (خبر)

لنگهڻ ڪاٽڻ نہ، پر "لنگهڻ ڪيڻ" مروج آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "بکون ڪاٽڻ".

(2) ناخواندگيءَ موجوده حڪومت جون ڪوششون (مضمون جو عنوان)

"ناخواندگي" لاءِ اسان وٽ "جهالت/ اڻ پڙهائي" جو لفظ اڳ ۾ ئي استعمال ٿيندو رهي ٿو، مشڪل کي وڏيڪ مشڪل نہ بنايو وڃي.

18.10.94: .... سمورن سياسي اسيرن کي رها ڪيو وڃي (مطالبو)

مٿيون جملو هن طرح لکيو وڃي: سمورن بانڌين کي ڇڏيو/ آزاد ڪيو وڃي.

21.10.94: سنڌ جي ڪاليجن ۾ درس تدريس جو ڪم مڪمل بند رهيو (خبر)

.... پڙهائي بند رهي يا پڙهڻ پڙهائڻ، بند رهيو.

(2) .... ڏاڙيلن جي فائرنگ؛ هو معجزاتي طور بچي ويو (خبر)

لکيو وڃي: .... فائرنگ ۾ سندس وار به ونگو نه ٿيو. يا اتفاق سان/ معجزي طور بچي ويو.

23.10.94، مون کي پڪ آهي ته اُن جي پاداش ۾ جيل ويندس (پيرپاڳارو)

"پاداش" لاءِ بدلو/ عيوضو/ سزا ڪم آڻي سگهجن ٿا. يعني ان جي عيوضي/ بدلي ۾ جيل ويندس.

(2) شهري ۽ ڳوٺن جون عورتون بينظير جا هٿ مضبوط ڪن (ميرائي)

"هٿ مضبوط ڪرڻ" سنڌي اصطلاح هرگز ناهي. ان لاءِ "حمايت" "پٺڀرائي" ڪم آڻي سگهجن ٿا.

24.10.94، بلديه ٽائون جي ماڻهن ۾ ڪُهرام مچي ويو (خبر)

ڏارئي لفظ "ڪهرام" لاءِ "واويلا/ روڄ راڙو" لفظ ڪم آڻي سگهجن ٿا، جيڪي اڳ ۾ ئي مروج آهن.

روزانه "هلال پاڪستان" ڪراچي.

15.10.94، عرفات، رابين ۽ شمون پيريز لاءِ نوبل انعام (خبر)

"نوبل" نه پر "نوبيل" Nobel ٿيڻ کپي.

16.10.94، بنامت پيد جي ماڻهن جي خدمت ڪندس (مرتضيٰ ڀٽو)

ڪنهن به ويڇي ڪانسواءِ يا بنان ڀيد ڀاءُ ماڻهن جي خدمت ڪندس.

(2) ڀهرين ڀُڪي ڪير ڀري.... (عنوان)

صحيح چوڻي "ڀهرين ٽڪي ڪير ڀري" آهي.

(3) نوشهري فيروز ضلعي ۾ نشيدار شين جو ڪاروبار کُلئي عام هلندڙ. (خبر)

"كلئي عام" اسان استعمال نہ ڪندا آهيون. انهن لاءِ "ڪليو ڪلايو" وارا لفظ مناسب ٿيندا.

24.10.94؛ سبزي منڊيءَ جي واپاريءَ جي گهر ۾ 8 لکن رپين جو ڌاڙو (خبر)

"سبزي منڊي" لاءِ "ڀاڄين جي پڙي" لکيو وڃي تہ مناسب ٿيندو.

25.10.94؛ ڪولمبو ۾ ڌماڪو (خبر)

"ڌماڪو" لاءِ "ڌڌڪاءُ/ ڌوَڌڪاءُ" صحيح ٿيندو.

26.10.94؛ ڪاليج اُستادن جا ڪجهہ مطالبا منظور (خبر)

"ڪجهہ" نہ پر "ڪي" مطالبا.....

روزانہ "جاڳو" ڪراچي.

6.10.94؛ ڪئمپس ڪاريڊرو مان (معصوم)

'ڪاريڊور' صحيح ٿيندو يا ڪئمپس جي ورانڊن مان.

(2) اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ائنيمل هسبنڊري خلاف غبن جي انڪواري (خبر). مالداري کاتي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر خلاف پئسن جي خوردبرد جي جانچ. وڌيڪ مناسب آهي. هن خبر ۾ آيل لفظن مان پنج لفظ انگريزي آهن. سنڌي ٻولي تي ڪو رحم ڪريو.

8.10.94؛ سنڌ ۾ "را" جي پنج هزار تربيت يافتہ دهشتگردن جي موجودگي جو انڪشاف (خبر)

سنڌ ۾ "را" جا پنج هزار سکيا ورتل ويڙهاڪ/ ڌمڪائيندڙ موجود پڌايا ويا آهن. لکڻ گهرجي.

(2) گوڙائي/ هَلائي گدلاڻ Noise Pollution ان لاءِ لکجي. هل بکيڙي واري گندگي گدلاڻ/ ناپاڪي/ ميرائي. گوڙ شور جو آزار.

15/10.94: (1) ميمبرن جا حڪومت سان رابطا (خبر)
"رابطا/ رابطو" لاءِ "لهه وچڙ" به استعمال ڪري سگهجي ٿو. 'لهه وچڙ' هميشه عدد "واحد" ۾ ڪم ايندو آهي. رابطا جي جاءِ لاڳاپا/ واسطا لکڻ گهرجي. يا ميمبرن جو حڪومت سان ميلُ جول به لکي سگهجي ٿو.

(2) مِني ڪاليج جي شاگردن ۽ انتظاميا جي وچ ۾ چڪريون (خبر)
لکڻ گهرجي "انتظاميه" نه ته انتظاميا جو جمع ٿيندو انتظاميائون.

(1) استادن تي تشدد خلاف ڪنڍيارو ۽ نوشهرو ۾ مظاهرو (خبر)
...... ڪنڍياري ۽ نوشهري ۾ مظاهرو. لکڻ گهرجي.

21.10.94: ... خزاني مان ڪوڙا بل ڏاهي 13 لک رپيا ڳڙڪائي ويو (خبر)
"ڳڙڪائي" نه، پر "ڳرڪائي" (ڳرڪائڻ) لکڻ گهرجي.

23.10.94: (1) فرقيواريت ملڪي استحڪام لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندي (بينظير)
'فرقيواريت' ۽ "استحڪام" وغيره لاءِ ڪي ٻيا سنڌي لفظ به ته ملي سگهن ٿا.

(2) مخالف ڌر جي ميمبرن کان ٽئڪس گوشوارن جي جاچ شروع (خبر).
اهو جملو هن ريت لکڻ گهرجي: ٽئڪس گوشوارن جي جاچ شروع يا ٽئڪس جي حساب ڪتاب جي جانچ جونچ.

24.10.94: سنڌي ادب به هاڻ اردو وانگر عوام کان ڪٽيل نظر اچي رهي آهي (فهميده رياض)- 'مونث' ۽ 'مذڪر' ۾ ڪو ته فرق هئڻ گهرجي. .... "نظر اچي رهيو آهي" لکڻ گهرجي.

روزانه "برسات" ڪراچي.

2.10.94: "فرقيواريت ڦهلائيندڙن کي سختيءَ سان ڪُچليو ويندو. (صدر لغاري)

"ڪچليو- "ڪچلڻ" اسان جو لفظ ناهي. جملو هن طرح لکي سگهجي ٿو: فرقي بازن کي لتاڙي ماريو ويندو. ڪچليو جي جاءِ تي چيپاٽيو لکڻ گهرجي تہ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

3.10.94: ترقي پسند پارٽي طرفان ايم- ڪيو ايم خلاف مزاحمتي جنگ جي توثيق (ترقي پسند پارٽي)

ترقي پسند پارٽيءَ طرفان ايم- ڪيو ايم سان مقابلي جي ڳالهہ.

.... روڪڻ لاءِ جنگ کي مضبوط بنايو ويندو.

(2) ڪوٽڏجي ۽ لُري ميرواهہ ۾ نشي جو کلي عام واپار (خبر)

"کلي عام" بجاءِ "کليو کلايو"/ بي ڌڙڪ/ پڌري پٽ لکڻ گهرجي.

5.10.94: هفتہ صحت و صفائي (اشتهار)

سولي سنڌي ۾ هن طرح لکي سگهجي ٿو: "صحت ۽ صفائي جو هفتو"

6.10.94: ايم- ڪيو- ايم سنڌ اسيمبلي اندر "ڪلم ڪلا" سنڌي- مُهاجر جو چڪر شروع ڪري ڏنو (اسيمبلي ڪاروائي جي رپورٽ)

"ڪلم ڪلا" نہ پر "کليو کلايو"/ سڌون سڌو.

(2) عوام "پٿر جو جواب پٿر" سان ڏيڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو (خبر)

"پٿر جو جواب پٿر سان" هي اصطلاح اسانجو هرگز ناهي. سنڌي عوام پٿر جو جواب کهاڙين سان ڏيندا آهن. يا ڏڪ جو جواب ڏڪ سان لکڻ گهرجي.

9.10.94: سنڌ جي آدم شماري ۾ ڌانڌلي ڪرڻ جا ثبوت ملي ويا

(خبر)

’ڏانڍلي‘ سنڌي لفظ نہ آهي. ان جي جاءِ تي ٽڳي يا ڏانڊلِ لکڻ صحيح ٿيندو.

11.10.94؛ حڪومت ۽ ايم- ڪيو- ايم وچ ۾ سرچاءِ لاءِ ٺوس پيش رفت ٿي آهي (خبر)

"ٺوس" ۽ "پيش رفت" اسان جا لفظ هرگز نہ آهن. "..... سرچاءِ لاءِ اڳتي وڌيا آهن." لکڻ مناسب ٿيندو.

14.10.94؛ سنڌ اسيمبلي ۾ گوڙ. ايوان مڇي مارڪيٽ بڻجي ويو (خبر)

..... ايوان "مڇي مياڻي" بڻجي ويو. لکڻ گهرجي.

15.10.94؛ سزا يافتا قيدين کان ڏوڪڙ وٺي کين ڀڄايو ويو هو (خبر)

’سزا يافتہ‘ لکڻ صحيح ٿيندو. جڏهن هاءِ ساڪت جي ڀڄاڙيءَ وارو لفظ صفت تي ڪم اچي، تڏهن ان جي صورت هاءِ ساڪت واري ئي رکڻ کپي.

20.10.94؛ ڪاليجن ۾ تدريسي عمل بند (خبر)

"تدريسي عمل" لاءِ ’پڙهڻ پڙهائڻ‘ چيو وڃي تہ غلط نہ ٿيندو.

21.10.94؛ ايل- ايم سي جي هاسٽلن تي پوليس جي يلغار (خبر)

"يلغار" لاءِ چڙهائي/ هَلان جهڙا لفظ بہ تہ ڪم آڻي سگهجن ٿا.

روزانہ "ڪاوش" حيدرآباد.

1.10.94؛ ہہ اڌ سنڌ ۾ طالع آزما سياستدان (ڪالم)

طالع = سِتارو/ قسمت/ ڀاڳ/ نصيب

’طالع آزما‘ اڙانگو ڌاريو لفظ آهي. ڌارين لفظن ۽ اصطلاحن جي استعمال کان پرهيز ڪئي وڃي.

3.10.94؛ (1) مورو پيرسان ڪوچ ۽ بس ۾ ٽڪر (خبر)

لفظن جي بيهڪ هن طرح هئڻ گهرجي:
موري پرسان ڪوچ ۽ بس ۾ ٽڪر.
(2) مهانگائي جو ڀوت (هائيڊپارڪ ۾ ڇپيل هڪ خط جو عنوان).
اهو به غلط نہ آهي، پر 'مهانگائي جو راڪاس' وڌيڪ مُناسب ٿيندو.
12.10.94: ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ عورتون پٽڙين تي ليٽي پيون (خبر)
.... عورتون ريلن/ ريل جي پٽن/ ريل بند تي ليٽي پيون. لکڻ گهرجي.
15.10.94: .... اڄ ڪان ڪمند پيڙهڻ جي سيزن شروع ٿي نہ سگهندي (خبر)
"پيڙهڻ" نہ پر "پيڙڻ" ٿيڻ کپي.
18.10.94: ڪنديارو جي استادن جي بک هڙتال پنجين ڏينهن ۾ داخل (خبر)
ڪنڊياري جي استادن جي بک هڙتال...... لکڻ گهرجي.
22.10.94: سنڌ ڊيموڪريٽ مرگ بستر (ڪالم جو عنوان). مرگ بستر بجاءِ "موت جو منجو"صحيح ٿيندو. چوندا آهن تہ "نہ مري ٿو ۽ نہ وري منجو ئي ڇڏي ٿو".
23.10.94: بلديا ٽائون ۾ فوج طلب (خبر)
بلديہ ٽائون ۾ فوج گهرائي ويئي. لکڻ گهرجي.
(2) اسان کي 'تقسيم سنڌ' نہ "ميثاق سنڌ" کپي (خبر)
'سنڌ جو ورهاڱو' نہ، پر "سنڌ جي ضمانت/ معاهدو" کپي.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اخبارون

ڊاڪٽر حيدر لاشاري

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ، اُن ٻوليءَ جي لکڻ پڙهڻ وسيلي ٿئي ٿي، اڄ جڏهن انسان ڪمپيوٽر دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي، تڏهن وٽس ايترو وقت ڪونهي جو هو گل بڪاولي، ليلان، چنيسر ۽ روميو جوليٽ جا قصا ۽ داستان ويهي پڙهي يا راتين جون راتيون ويهي پراڻي دور جون يادگيريون ۽ قصا ٻڌي، اڄ جو انسان دنيا جي ڄاڻ اخبار وسيلي حاصل ڪري ٿو. اڌ ڪلاڪ جي مطالعي ۾ هو دنيا جي گولي تان ڦري موٽيو اچي.

اڄ اخباري دنيا عام زندگيءَ جا فاصلا گھٽائي ڇڏيا آهن. اڄ اخبار ذريعي دنيا جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺل انسان ٻي ڪنڊ جي انسان سان رابطي ۾ آهي. اڄ هو هڪٻئي جا حال احوال سياسي ۽ سماجي تبديليون، معاشي خبرون چارون گھر ويٺي وٺي رهيا آهن. جڻ تہ اخبارن نئين دور ۾ نئون قلمي توڙي مواصلاتي انقلاب آڻي ڇڏيو آهي.

اخبارون ماڻهن جي روزمره زندگيءَ جي اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ تي اثر انداز ٿين ٿيون، انهيءَ ۾ وڌاءُ ڪونهي تہ اخبارون عام ماڻهوءَ جي لاءِ سستو سکيا گھر آهن، جتان ماڻهو سياسي، سماجي، اقتصادي، مواصلاتي، اخلاقي، ديني، ثقافتي، تعليمي ۽ طبقاتي تربيت حاصل ڪري ٿو. اخبارن ڪري ماڻهن جي حياتيءَ تي گھرا اثر پون ٿا، جنهن ڪري ماڻهن جي تربيت ان ترتيب سان ٿئي ٿي. هن دور ۾ اٽڪل هر ٻوليءَ ۾ اخبارون شايع ٿين ٿيون ڪي روزانہ تہ ڪي هفتيوار، ڪي

پندره روزه تہ ڪي وري ماهوار. اهي وري مختلف موضوعن جون ترجمان هونديون آهن، پر گڏيل طور سيني جو خيال هوندو آهي ماڻهن کي ڄاڻ ڏيڻ.

مذهبي اخبارن ۾ مذهبي ٻولي استعمال ڪيل هوندي آهي. يعني اها ٻولي جيڪا اُن مذهب جي مکيہ شخصيت جي مادري ٻولي هوندي آهي جهڙوڪ : عرب عربي، هندو هندي، زردشت فارسي، ٻڌلوڪ هندي ۽ سک گرمکي ٻوليءَ ۾ پنهنجو مذهبي پرچار ڪن ٿا. مذهبي اخبارن ۾ مذهبي ٻوليءَ جي استعمال ڪري اُن ٻوليءَ جي عام ڳالهائيندڙ تي ڌاري ٻوليءَ جو اثر ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ پوي ٿو.

ادبي اخبارن ۽ مخزنن ۾ وري ڪڏهن ڪڏهن بہ چار سال ڪنهن نہ ڪنهن ٻوليءَ جو اثر موجود هوندو آهي. ڪڏهن اُن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اديب ڪنهن پرڏيهي ادب کان متاثر ٿيندا تہ ان ٻوليءَ جا لفظ، چوڻيون، پهاڪا اصل يا ترجمو ڪري پنهنجي لکڻين ۾ پيا ٽنبيندا. جيئن ڪجهہ وقت اڳ سنڌي نوجوان اديبن تي ٻاهريون اثر ويهي ويو هو. هو تخليق ڪار يا شاعر کي "ڪوي" چوڻ لڳا. جيڪو لفظ اسان جي سچي سنڌي سماج ۾ ڪٿي بہ موجود ڪونهي. هو خواب کي سپنو ڪوٺڻ لڳا. جيڪو هندي ٻوليءَ مان کنيو ويو آهي، اهڙيءَ ريت هرويرو ڌارين لفظن جي ڀرمار ٻوليءَ جي صورت بگاڙي ڇڏي ٿي، نتيجي ۾ ٻولي واڌ ويجهہ بدران پنهنجي ترقي روڪيو ڇڏي.

جيتوڻيڪ اردو ٻولي پارسي ۽ هندي جو گڏيل ڪچڪول ضرور آهي پر اردو صحافت انگريزي لفظن بدران پنهنجا نوان لفظ ڏيئي هڪ نئين راهہ ضرور ڪڍي ورتي آهي. هو ايڊيٽر کي مدير، يونيورسٽي کي جامعہ، وائيس چانسلر کي شيخ الجامعہ، فارمولي کي ڪُليہ وغيره چون ٿا، جنهن ڪري اهي لفظ سندن روز مره ڳالهہ ٻولهہ جو حصو بڻجي وڃن ٿا پر "ڪوي" لفظ سنڌي ڳالهائيندڙن جي روز مره ڳالهہ ٻولهہ جو حصو بڻجي نہ سگهيو آهي. ڇو تہ اهو لفظ اوپرو آهي ۽ سنڌي

سماج ۾ پنهنجي جاءِ والاري نہ سگهيو آهي.

اڪثر ڪري ڏ سڻ ۾ ائين آيو آهي تہ اخبارون پنهنجي تربيتي ڪردار بدران ڪمرشل روپ اختيار ڪنديون آهن، ان ڪري ان ۾ ايڊيٽر ڪان ولي پيسٽر تائين عملي جو معيار بہ مقرر نہ هوندو آهي، مترجم، خبر يا مضمون جو ترجمو ڪندي وقت ان ٻوليءَ جي لغات سامهون رکي ترجمو ڪرڻ بدران ڏکن هٿڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن، جيڪڏهن ڪين Hearing جو ترجمو "شنوائي" ذهن ۾ نہ آيو تہ "ٻُڌڻي" ڪري لکي ڇڏيندا. حالانڪہ سنڌي سماج ۾ ڳالهہ ٻولهہ دوران لفظ شنوائي استعمال ٿيندو آهي. ٻڌڻي جو وجود ئي ڪونهي. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي فعلن جي صورت بگاڙي ٿي وڃي، حالانڪہ ٻوليءَ جي مناس ۾ چاش فعل سان لاڳاپيل آهي.

اڄوڪي دؤر ۾ ٻوليءَ جي بقا جون ضامن ان ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ اخبارون آهن، جيڪڏهن اخبارن پنهنجي عملي حيثيت جو اندازو نہ لڳايو ۽ ٻوليءَ جي بيهڪ، بناوت ۽ اچارن سان هٿ چراند جو سلسلو جاري رکيو تہ ٻولي پنهنجي شڪل تبديل ڪري سگهي ٿي، ان لاءِ ضروري آهي تہ اخبار کي ان ٻوليءَ جي درسي ڪتابن واري ٻوليءَ جي معيار مطابق شايع ڪرڻ گهرجي. مثال طور سنڌي درسي ڪتاب حيدرآباد جي ٺيٺ ۽ صاف شفاف سنڌيءَ ۾ لکيا ويندا آهن تہ اخبارون بہ اُن لهجي ۾شايع ٿيڻ گهرجن. جيتوڻيڪ لاڙ ۽ سري تورڙي شهري ٻوليءَ جو ڏار ڏار لهجو آهي پر اخبار کي ان جو محتاج نہ بڻايو وڃي.

ٻوليءَ جي بگاڙ ۾، ان ٻولي ڳالهائيندڙ قوم جي مٿان ڌاري ٻوليءَ جي سامراجي حيثيت پڻ متاثر ڪندڙ ڪردار ادا ڪيو آهي. جيئن سنڌ جڏهن مغلن جي هٿ هيٺ هئي تہ سنڌ ۾ فارسي منهن ڪڍيو. سنڌ جي دفتري ٻولي فارسي ٿي، پهاڪو ٺهيو تہ "فارسي گهوڙي چاڙهسي" پر جڏهن سنڌ جي ساڃهوند دانشور لطيف سرڪار اُن ڳالهہ کي رد ڪيو تہ:

جي تـو پـارســي پـڙهيو، گولو تو ۽ غلام
اچــيو تــان آب گهري، بکيـو تــان طعـام
ايءَ عامن سندو عام، خاصن مان ڪين ٿئي.

سنڌي ادب ۽ ڪلچر ۾ فارسيءَ جو جادوئي ڪيل گهڻو وقت نـہ هلي سگهيو. يعني ان دور جي دانشور ڏاري ٻوليءَ جي حاڪميت خلاف جهاد ڪيو. انگريزن جي صاحبيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي زبان جو اثر ٿيو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي، ان سان گڏ هندي ٻولي ۽ اردو جو اثر پڻ سنڌي ٻوليءَ تي موجود آهي، جنهن ڪري اصل سنڌي لفظ گم ٿي رهيا آهن. سنڌي اخبارن جي روزمره لکجندڙ ٻولي پڻ اِنهيءَ جي ور چڙهيل آهي.

اخبارن کي پنهنجي قومي حيثيت جو تعين ڪرڻ گهرجي. اخبارون پنهنجو پاڻ کي ٻوليدانن اڳيان جوابدار سمجهن، جيڪڏهن ٻولي زنده رکڻي آهي تہ اخبارن کي ٻوليءَ جي آرسي بڻائڻو پوندو تہ جيئن مستقبل ۾ اها ٻولي وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري دنيا جي ترقي يافتہ ٻولين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهي.

سنڌي اخبارن جي ٻولي

نياز همايوني

سنڌي هڪ وڏي ۽ ويڪري ٻولي آهي. وڏي ان ڪري جو هن ۾ جيڪي اڪيچار لفظ آهن، تن جي ڦيرگهير مان ڪيئي معنائون جوڙي، نروار ڪري سگهجن ٿيون ۽ ويڪري ان لاءِ ته منجهس گڏجندڙ ٻاهرين نقطن کي نئون روپ ڏئي، انهن کي پنهنجي لکت سان سنمک ڪري سگهجي ٿو- ان لاءِ مجلسي زندگيءَ کان سواءِ ڪتاب پڻ ڪافي انداز ۾ موجود آهن، جن جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ کي نج نموني ڪتب آڻي پنهنجو ۽ ٻوليءَ جو مان مٿاهون ڪرڻ سؤلو ٿي سگهي ٿو.

افسوس آهي جو ايڏن وسيلن هوندي به اسان جون اخبارون اڄڪلهه اهڙي ٻولي ڪتب آڻي رهيون آهن، جنهن ۾ اصليت جي ابتڙ لفظ ۽ جملا ڏسڻ ۾ پيا اچن، جن جي نتيجي ۾ نئون نسل اباڻي ٻوليءَ کان پراهون ٿيندو پيو وڃي. جيڪيڏهن اها حالت قائم رهندي آئي ته سنڌي ٻولي سڃاڻپ کان ئي پرتي هلي ويندي، جا ڳالهه ڪيڏي نه ڏکدائڪ ٿيندي.

هن باري ۾ جڏهن اخبار وارن کان پڇيو ويندو ته هنن جو هڪڙوئي جواب ملندو، ته اسان ٻوليءَ کي ٽيڪنيڪل انداز ۾ پيش ڪري رهيا آهيون، تنهن ڪري اعتراض اجايو آهي- ڀلا اها ڪهڙي ٽيڪنڪ آهي، جو لفظن ۽ جملن کي مروڙي سروڙي ائين پڙهندڙن اڳيان آندو وڃي، جو سڄي ڳالهه ڪل جهڙي ٿي پوي. اخبارون ته ڀاڻ ٻولي سيکارڻ جو ذريعو هئڻ کپن. جن کي پڙهي ننڍو وڏو پنهنجي ڄاڻ وڌائڻ سان گڏ ٻوليءَ جي اصليت کان به واقف ٿيندو رهي. پر هتي ڪجهه ٻيو پلئه پوي ٿو.

اخبارن ۾ نہ رڳو ٻوليءَ جي اصليت ڦيرائي ان جي سونهن ۽ سيبتائي کي ختم ڪيو ٿو وڃي، پر معنيٰ ۽ مطلب سان ڳنڍ ٻين معاملن کي بہ غلط انداز ۾ آڻي سڀ ڪجهہ لئي مٿي ڪرڻ لاءِ هاڃا هنيا پيا وڃن. هاڻ تہ اها حالت آهي جو اخبار نويسن جي اثر ۾ نوان پراڻا اديب، عالم وغيره بہ انهيءَ وهڪري ۾ وڌندا نظر اچن ٿا. انهيءَ ڪري تہ هيڪاري وڌيڪ اندر سڙي ٿو.

هتي هڪ مهيني جي اڌ ڏزن اخبارن مان نموني طور ڪي ٽڪرا چونڊ ڪري پڙهندڙن آڏو آندا وڃن ٿا. انهيءَ نيت سان تہ انهن کي پڙهي هرڪو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسي، تہ واقعي سنڌي ٻوليءَ سان ڪو انڌير پيو ٿئي يا اجائي واويلا ڪئي پئي وڃي. انهن مان ڪي خاص ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا.

1- سنڌيءَ ۾ شهرن ۽ ماڻهن يا جانورن وغيره جي نالن جي پڇاڙي ضرورت مطابق ي- ۽ و جي بدل سدل سان ٿئين صورت ۾ آندي وڃي ٿي جنهن جو مطلب نيارو ٿي، ٻوي ٿو: مثال طور ٽٽو، ڪنڊيارو، جمعو، ڪوسو، ڏيڱو، چيلو وغيره. اهي ٻن صورتن سان ڪتب اچن ٿا:

ٽٽو- ڪنڊيارو فلاڻي پاسي آهن. جمعو ذات جو ڪوسو آهي، ڏيڱو ڳاڙهو- چيلو ڪارو آهي، اها آهي پهرين صورت. هاڻي ٻي صورت هيٺن ٿيندي.

هيءَ بس ٽٽي يا ڪنڊياري ويندي- مونکي جمعي ڪوسي سان مليو آهي- ڏيڱي ۽ چيلي ۾ وڏو فرق ٿئي ٿو.

ليڪن اخبارن ڇا ڪيو آهي، جو پنهنجو وقت ۽ اخبار جي جاءِ بچائڻ لاءِ پنهنجي ٽيڪنڪ ڪان ڪم وٺي، انهن لفظن جي پڇاڙيءَ مان "ي" ڪڍي اڪوپوءِ هي طريقو اختيار ڪري ڇڏيو آهي.

ٽٽو ۾ ڪجهہ ڪونهي- ڪنڊيارو ۾ سڀڪجهہ آهي. جمع ڪوسو کي پوليس گرفتار ڪيو. ڏيڱو کي ڏڪ لڳو ۽ چيلو کي چور ڪاهي ويا.

سنڌيءَ ۾ جڏهن آڳره، ساڪرهءَ ساڳره لکڻ ۾ اچي ٿو، تہ ان جي صورت آڳرو، ساڪروءَ سانگرو ٿئي ٿي، پر اخبارن ۾ اهي اردو انداز سان پهرين صورت ۾ ئي لکيا وڃن ٿا.

پيو تہ هالا، کهڙا ۽ فيصلا پڻ صورتن ۾ لکجن ٿا:

1- ذات جا هالا، کهڙا، ڪم جا فيصلا.

2- هو هالن ويو، مان کهڙن/ کهڙين ويندس. فلاڻو فيصلن لاءِ ٿو وڃي.

اخبارن ۾ ڏنو ويندو تہ ائين لکيل هوندو- هو هالا ويو آءٌ کهڙا ويندس- هن ڪي فيصلا مڙهڻ جو حق ڪونهي.

3- ڏاڙيل ڪي فارسي ۾ رهزن، سنڌي ۾ ڏاڙيل سڏيو وڃي ٿو. پر اخباري زبان ۾ رهزن کي ڏاڙيل جي صفت طور ڪتب آندو وڃي ٿو- رهزن ڏاڙيل قادو سرڳائي.

4- اسان وٽ نيارو لفظ موجود آهي، پر اخبار وارن کي اهو ڪٿي ٿو آئڙي- هرويرو" انوکو" يا نرالو پيا لکندا.

5- جمع واحد جو نيارو نمونو- هٿيارن سوڌو چار چٽا گرفتار.

6- عام لفظ:

وٽن جو قتل عام- چوري ٿيل ميڙي پونجي. غيرقانوني اسلحو، قتل هڪ الميو. نظم جو الميو، خواندگي جي شرح- ناچ نچيائين، پڌٽيءَ خانگڻ!

7- ڪي ادبي ٽڪرا: ادبي ڪيتر ۾ نوجوان جون لکيتون- من پاتال ۾ امنگن جا نوان گلاب. ڪلا ڪيتر جو سگهارو- آواز- هڪڙي اديب جو ڪمال اجهو هي آهي:

سنڌ جو سينو چيري سڀن مان هيرا ڳولڻ وارا، بس سائين وڃي ٿيا خير-!

اخبارن ۾ تہ اڄڪلهہ هڻ هٽان لڳي پئي آهي، تہ ٿر مان ملندڙ ڪوئلي منجهان هيرا نڪري رهيا آهن- ان هوندي بہ اديب صاحب تہ

غافل رهيو، پر اخبار وارن کي بہ پتو نہ پيو تہ هيرا ڪٿان ٿا پيدا ٿين.

هتي وڏيڪ تيڪاٽيٽي بدران اخبار مان وڏي محنت سان چونڊ ڪيل سمورو مواد پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو، تہ جئين پاڻ ڪو فيصلو ڪري سگهن ۽ اخبار وارن کي ان لاءِ لکن تہ آخر هي سڀڪجهہ ڇا پيو ٿئي!

هتي مثال خاطر اخبارن ۾ ڇپيل غلط جملا ڏئي، سندن رهنمائيءَ لاءِ صحيح جملا ڏجن ٿا.

روزانہ "جاڳو" ڪراچي

1.12.94، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽو جي آڊٽ ڪرائي ويجي (خبر).
ٺٽي جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي آڊٽ ڪرائي وڃي.

2- ڪنڊيارو وٽ قومي شاهراه تي ٻن ٽئنڪرن ۾ ٽڪر (خبر).
ڪنڊياري وٽ قومي شاهراهہ تي ٻن ٽئنڪرن ۾ ٽڪر.

3- ٻڪڪهاڻ پوليس جي حد ۾ 15 وارداتن سبب شهري پريشان (خبر).
ٻڪڪهاڻ پوليس جي حد ۾ پندرهن وارداتن سبب شهري پريشان.

4- پنتي پيل علائقن کي ترقي وٺرائي ويندي (خبر)
پٺتي پيل علائقن کي ترقي ڏياري ويندي.

5- تلهار ٽائون ڪميٽي ايڊمنسٽريٽر خلاف واپارين جو احتجاج (خبر)
تلهار ٽائون ڪميٽي جي ايڊمنسٽريٽر خلاف واپارين جو احتجاج.

6- آگره جو تاج محل ماحولياتي خطرن ۾ گهيريل (خبر).
آگري جو تاج محل ماحولياتي خطرن ۾ گهيريل.

7- افغان ويڙهاڪ گروپ مفاهمت جو رستو اختيار ڪن (خبر).

افغان ويڙهاڪ گروپ نبيري جو رستو اختيار ڪن.

2.12.94، ڪيٽي ڪاٽن جا سڪريٽري تبديل (خبر).

ڪيٽرن ٽي ڪاٽن جا سيڪريٽري تبديل.

5.12.94، .... کي سنڌ مٿان فيصلا مڙهڻ جو حق ڪونهي (خبر).

..... کي سنڌ مٿان فيصلن مڙهڻ جو حق ڪونهي.

(2) ڏاڙيل استادن جون پنج لک پگهارون ڦر ڪري ويا (خبر).

ڏاڙيل استادن جي پگهار جا پنج لک ڦري ويا.

11.12.94، هٿياربندن جي ڳوٺ خان پٽو تي چڙهائي (خبر).

ڳوٺ خان پٽي تي هٿياربندن جي چڙهائي.

12.12.94، امتحان وٺڻ ۽ نتيجا ظاهر ڪرڻ واري حڪم تي حيرت (خبر).

امتحان وٺڻ ۽ نتيجن ظاهر ڪرڻ واري حڪم تي حيرت.

20.12.94، نون پوکيل وڻن جو بيدردي سان قتل عام (خبر).

نوان پوکيل وڻ بيدردي سان وڍيا پيا وڃن.

21.12.94، پروفيسرن جي چوري ٿيل ميڙي پونجي موٽائي وڃي (خبر).

پروفيسرن جي چوري ٿيل ميڙي چونڊي موٽائي وڃي.

22.12.94، وزيراعظم هائوس نئون ديرو آڏو (خبر).

وزيراعظم هائوس نئين ديري آڏو.

24.12.94، ڪپرو ۾ صفائي عملي جي هڙتال (خبر).

ڪپري ۾ صفائي واري عملي جي هڙتال.

28.12.94، سنڌ ۾ غيرقانوني اسلحو هٿ ڪرڻ لاءِ رٿا تيار (خبر).

سنڌ ۾ غيرقانوني هٿيارن هٿ ڪرڻ لاءِ رٿا تيار.

30.12.94، ايوان جي اڻ پورو هئڻ وارو فيصلو درست نہ آهي (خبر).

ايوان جي اڻ پوري هئڻ وارو فيصلو درست نہ آهي.

روزانہ "ڪاوش" حيدرآباد

1.12.94: ساموندي حدن مان 7 ٻيڙين سوڊو 45 مهاڻا گرفتار (خبر).
ساموندي حدن مان ستن ٻيڙين سوڊا پنجيتاليھ مهاڻا گرفتار.
(2) فقير جادم مگريو ڪي- قيدي قرار ڏنو ويو (خبر).
فقير جادم مگرئي کي قيدي قرار ڏنو ويو.
2.12.94: جام شورو ۾ شاگردن جو احتجاجي مظاهرو (خبر).
ڄامشوري ۾ شاگردن جو احتجاجي مظاهرو.
16.12.94: سنڌ جو رهزن ڏاڙيل قادو سرگرم (خبر).
سنڌ جو خطرناڪ ڏاڙيل قادو سرگرم.
(2) ڊرب مهرشاھ ۾ پوليس وردي پهريل هٿياربند (خبر).
ڏب مهر شاھ ۾ پوليس وردي پهريل هٿياربند.
18.12.94: ٽنڊو باگو ۾ پرپاسي ڪالرا (خبر).
ٽنڊي باگي ۽ پرپاسي ۾ ڪالرا.
(2) داخلائون نہ مليون تہ حڪمران انوکو احتجاج ڏسندا (خبر).
داخلائون نہ مليون تہ حڪمران ڪو نيارو احتجاج ڏسندا.
19.12.94: ڪراچيءَ ۾ زندگي مفلوج (خبر).
ڪراچيءَ ۾ زندگي عذاب.
(2) ڪارو گهنگهرو لڳ مسافر وين ۽ ڪار وچ ۾ ٽڪر (خبر).
ڪاري گهنگهري يا گانهگري لڳ مسافر وين ۽ ڪار وچ ۾ ٽڪر.
(3) پنو عاقل ۾ گندو پاڻي...... (خبر)
پني عاقل ۾ گندو پاڻي.......
20.12.94: خيرپور مان هٿيار سوڊو چار ڄڻا گرفتار (خبر).
خيرپور مان هٿيارن سوڊا چار ڄڻا گرفتار.
(2) ڳوٺ شيرو بلو تي پوليس جي چڙهائي (خبر).
ڳوٺ شيرو بلي تي پوليس جي چڙهائي.

22.12.94، شهيد ڀٽو جي 67 سالگرهہ (خبر).
شهيد ڀٽي جي ستهٺين سالگرهہ.
(2) بشير هاليپوٽو سميت..... (خبر).
بشير هاليپوٽي سميت..... .
23.12.94، بکو ديرو مائنر جو پاٽي اٿلي پيو (خبر).
بکي ديري مائنر جو پاٽي اٿلي پيو.
24.12.94، پاڪستان کي هٿيار ڏنا آهن نہ ڏيڻ جو کو ارادو آهي (خبر).
پاڪستان کي نہ هٿيار ڏنا ويا آهن، ۽ نہ وري ڏيڻ جو کو ارادو آهي.
25.12.94، اوپاوڙو ۾ حادثو (خبر).
اوپاوڙي ۾ حادثو.
(2) ٽنڊو محمد خان جي ناڪي تان ڦر (خبر).
ٽنڊي محمد خان جي ناڪي تان ڦر.
26.12.94، ٽنڊو بهاول جي ڳوٺاڻن کي ڌمڪيون (خبر).
ٽنڊي بهاول جي ڳوٺاڻن کي ڌمڪيون.

روزانہ "برسات" ڪراچي

5.12.94، پٽورو پرائمري اسڪول ۾ ڪمرن ۽ فرنيچر جي کوٽ (خبر).
پٽوري جي پرائمري اسڪول ۾ ڪمرن ۽ فرنيچر جي کوٽ.
(2) چوندڻ مهل ڪيل سمورا واعدا پاڙيا (خبر).
چوندڻ پيري ڪيل واعدا پاڙيا ويندا.
6.12.94، ٻہ اهلڪار رشوت وٺندي سڳ سوڌو گرفتار (خبر).
ٻہ اهلڪار رشوت وٺندي سڳ سوڌا گرفتار.
(2) ..... جو قتل هڪ الميو آهي (خبر).

.... جو قتل هڪ هاڃو آهي.

7.12.94: ملازم ڇهن ڪان پندرهن مهينن تائين جي پگهار ڪان محروم (خبر).

ملازم ٻارهن مهينن جي پگهار ڪان محروم.

11.12.94: پوليس جي ڳوٺ جمع ڪوسو تي چڙهائي (خبر).

جمعي ڪوسي ڳوٺ تي پوليس جي چڙهائي.

13.12.94: ڪچيرو پراڻو جي رهواسين چيو آهي (خبر)

ڪچيري پراڻي جي رهواسين چيو آهي.

14.12.94: ضلعي ٺٽي ۾ جڳاڙي ڊاڪٽرن جا ڪلور (خبر).

ضلعي ٺٽي ۾ نقلي ڊاڪٽرن جا ڪلور.

(2) انچارج تي دوائون ڪپائڻ جو الزام.

انچارج تي دوائن ڪپائڻ جو الزام.

15.12.94: لاڙڪاڻو ميڊيڪل گروپ ۾ ڌڙا بندي (خبر).

لاڙڪاڻي جي ميڊيڪل گروپ ۾ ڦوٽ.

16.12.94: ڪٽڪ جي اٽي جي ٻوري 50 رپيا مهانگي (خبر).

ڪٽڪ جي اٽي جي مهانگائي چوٽ تي في ٻوري پنجاهه رپيا.

17.12.94: ڪهاڻي ڪنهن نه واقعي جي اپٽار هجي ٿي (خبر)

ڪهاڻي ڪنهن نه واقعي جي اپٽار هوندي آهي.

19.12.94: خواندگي جي شرح شرمناڪ حد تائين گهٽ آهي.

(اردو جو سڌون سڌو نقل)

(2) رهزن ڏاڙيل اصغر جهتيال- گرفتار (خبر).

ڏاڙيل ۽ رهزن ساڳي ڳالهه ناهي ڇا؟

23.12.94: هاء اسڪول گوزو مسئلن جي چار ۾ (خبر).

گوزي جو هاء اسڪول مسئلن جي چار ۾.

(1) حڪومت مسئلا حل ڪرڻ لاء پتوڙي رهي آهي.

حڪومت مسئلا حل ڪرڻ لاء پاڻ پتوڙي رهي آهي.

31.12.94، پنهنجو پاڻ کي قابو ۾ رکي نہ سگهي- اهڙو ناچ نچيائين جو سموريون طوائفون هٿي پوٽي ويون.
پاڻ کي قابو ۾- اهڙو ناچ نچيائين؟ واهوا.

31.12.94، جي ضمانت جي درخواست جي ٻڌڻي. شنوائي بدران- ٻڌڻي!
نوٽ: هن اخبار ۾ هڪ نئون لفظ خانگڻ يعني ڪنهن سرڪاري ڪاتي کي خانگي ڪرڻ ايجاد ٿيو آهي. ڏسو پرچو 11.1.95.

روزانہ "عبرت" حيدرآباد

1.12.94، هڪ اشتهار "گلي جي خراش"

(2) مرتضيٰ ڀٽو جو سجاول جو دورو (خبر).
مرتضيٰ ڀٽي جو سجاول جو دورو.

(3) اسان وٽ هنر ۽ صلاحيت هئي (خبر).
اسان وٽ هنر سان گڏ صلاحيت هئي.

2.12.94، هال ڪچا ڪچ ڀريل هو (خبر).
هال ماڻهن سان ٿمٻريل هو.

(2) ٽنڊو محمد خان مان تيل حاصل ڪندڙ ڪمپني (خبر).
ٽنڊي محمد خان مان تيل حاصل ڪندڙ ڪمپني.

(3) فنڪاره فوزيہ سومرو جي اجا ڪنهن سار نہ لڌي (خبر).
فنڪاره فوزيہ سومري جي اجا ڪنهن سار نہ لڌي.

(4) ..... پنهنجي زبان کي لغام ڏي (خبر).
...... لغام وات کي ڏبو آهي.

(5) لڄالت جا واقعا........!
لڄن لٽڻ جا واقعا.......!
عورتن جي لڄالت ڪئي وئي (خبر).

عورتن جي لچ لٿي.

(6) اندرون سنڌ ۾ تعليم جي حالت (خبر).

سنڌ اندر تعليم جي حالت.

3.12.94، مون جيڪو وچن ڪيو آهي، ان تي اٽل آهيان (خبر).

وچن ۾ اٽل (لکي لوڪومل، ته پڙهي پنجورام).

4.12.94، سنڌ تي ڪلهوڙا حڪمراني بابت سيمينار (خبر)

سنڌ جي ڪلهوڙن جي حڪمراني بابت سيمينار.

5.12.94، نوشهرو فيروز لگ پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن (خبر).

نوشهري فيروز لڳ پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن. .

(2) ٽنڊو محمد خان شهر ۾ چورين جي ڌم (خبر).

ٽنڊي محمد خان شهر ۾ چورين جي ڌم.

(3) سنڌ حڪومت پنهنجي ذميواري کان غافل نه آهي (خبر)

ذميواري بدران ذميداري هئڻ کپي.

6.12.94، ٽنڊو حيدر شهر گندي پاڻي جي گهيري ۾ (خبر).

ٽنڊي حيدر جو شهر گندي پاڻيءَ جي گهيري ۾.

(2) مسلم ليگ ڌماڪن بجاء پٽاخا ڇڏيا (خبر).

ڌماڪا ۾ پٽاخا واهه سائين واهه!

7.12.94، حڪومت ڊاڪٽرن جا اهنج پورا ڪري (خبر)

حڪومت ڊاڪٽرن جي اهنج جو اپاءُ ڪري.

(2) باجارا علائقي ۾ اغوا جا واقعا (خبر).

باجارن جي علائقي ۾ اغوا جا واقعا يا وارداتون.

8.12.94، ٿر ۾ پاڻي جو شديد قحط (خبر).

ٿر ۾ پاڻي جي سخت اڻاٺ.

9.12.94، ميرپور بٺورو ۾ مهانگائي (خبر).

ميرپور بٺوري ۾ مهانگائي.

11.12.94، سنڌ جي وڏي وزير باجاره ۾ اکين جي ڪئمپ .... (خبر).

سنڌ جي وڏي وزير ٻاجارن ۾ اکين جي ڪئمپ......

12.12.94، ڪنڊيارو تعلقي ۾ ڌاڙيلن جو ڏپ ڇانيل (خبر).

ڪنڊياري تعلقي ۾ ڌاڙيلن جو ڏاءُ پکڙيل.

15.12.94، نورو ڪوسو گرفتار

افضل ڪوسو جي قتل ۾ گهربل جوابدار (هڪ نه ٽيو ٻه ٿيا).

25.12.94، ٽنڊو عالم وٽان نڪرندڙ تيل (خبر)

ٽنڊي عالم وٽان نڪرندڙ تيل.

(2) ٽنڊومستي جي مشهور زميندار جي گهر مان هٿياربند ڌاڙو هڻي مال کڻي ويا. (خبر)

ٽنڊو مستي بجاءِ ٽنڊي مستي لکڻ گهربو هو.

29.12.94، افغان پٺاڻن جا ڪنڪ اڏيرو لعل پهچي ويا (خبر).

افغان پناهگيرن جا ڪنڪ اڏيري لعل پهچي ويا.

30.12.94، ڪنڊيارو پرسان ڪلهوڙن جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو (خبر).

ڪنڊياري پرسان ڪلهوڙن جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو.

31.12.94، سال 94 راندين جي حوالي سان ياڳ پرو رهيو (خبر).

لفظ ياڳ پرو- (پاڻ پرو ڪان ورتل ٿو ڏسجي).

ياڳ پرو بجاءِ ياڳ پريو يا ياڳوند لکڻ گهرجي.

روزانه " هلال پاڪستان " ڪراچي

1.12.94، ڪراچي ۾ ٻن ڪارڪن سوڏو 6 ڄڻا قتل (خبر).

ڪراچي ۾ ٻن ڪارڪن سوڏا چار ڄڻا قتل.

2.12.94، قوم سنڌ کي ٽڪرا بڻائڻ واري سازش ناڪام بڻائيندي (خبر).

قوم سنڌ کي ٽڪرن ڪرڻ واري سازش ناڪام بنائيندي.

3.12.94، فضل پنيرو ۾ دوائن جي ڪوٽ (خبر).

فضل پنيري ۾ دوائن جي ڪوٽ.

4.12.94، جيل ۾ واڙيلن جي آزادي لاءِ جدوجهد (خبر).
قيدين جي آزادي يا باندين جي آزادي.
(2) ڪڏهن شهر ڪنڊرن جو ڏيک ڏئي رهيو آهي (خبر).
سنڌيءَ ۾ ڪنڊر کي ڊانڊيو چيو ويجي ٿو.
5.12.94، ممتاز علي ڀٽو جي صدارت ۾ (خبر).
ممتاز علي ڀٽي جي صدارت ۾.
6.12.94، ڏاڙيل حمل مرهٽو جي ٽولي (خبر).
ڏاڙيل حمل مرهٽي جي ٽولي.
(2) سنڌ جي الوکي شاعري (خبر)
سنڌ جي نياري شاعري.
11.12.94، من پاتال ۾ امنگن جا نوان گلاب (خبر)
پاتال ۾ ڪنول ٽيندا آهن.
(2) نوجوانن جي مستقبل سان ڪيڏندڙ حڪومت کي....
نوجوان جي آئندي سان ڪيڏ ڪندڙ حڪومت کي.....
13.12.94، جمن ڀٽو- دودو ڀٽو ڳوٺن کي بجلي ملي وئي (خبر)
ڳوٺ جمن ڀٽي ۽ دودي ڀٽي کي بجلي ملي وئي.
(2) ڊاڪٽر ڊيوٽي نٿا ڪن، صرف پگهار تا کائن (خبر)
ڊاڪٽر ڊيوٽي نٿا ڏين، صرف پگهار پيا کائن.
14.12.94، افضل ڪوسو جو قاتل- نورو ڪوسو گرفتار (خبر).
نئون ڏيرو لڳ حادثو......
15.12.94، جنهان سومرو ڳوٺ ۾ ارڙي جو مرض
ڪڙيو. گهڻور لڳ هتيار بند.
15.12.94، گئس جي قيمتن ۾ ٻيڻي اضافو جو فيصلو (خبر)
ڪراچي -حالتن ۾ سڌارو اچڻ جي اميد (ايڊيٽوريل).
(2) ڪلا ڪيتر جو سگهارو ۽ بي خوف آواز
ڪلا ڪيتر!

18.12.94، هيرا ڦيري کان سواءِ هرڪم ڄڻ اڌورو آهي.
هيرا ڦيري!
20.12.94، ساگر سومرو سان رهاڻ (خبر).
ساگر سومري سان رهاڻ.
سنڌ اسيمبلي منجهاران (رپورٽ جي سرخي).
21.12.94، ڪنڊرا پرسان پوليس مقابلي کان پوءِ.
ڪنڊرن پرسان- هٿڻ ڪپي.
24.12.94، پنجو ديرو ڳوٺ هر حڪومت ۾ مسئلن ۾ ڦاٿل.
ڳوٺ پنجو ديرو هر حڪومت ڀيري مسئلن ۾ ڦاٿل.
28.12.94، ٽنڊو الهيار جون خبرون.
مورو ويجهو شاخ کي گهارو.
29.12.94، تعميري سياست اڳيان تخريب جي ڀاڃ (ايڊيٽوريل).
(2) سڀڪي ڌيءَ جي عصمت ڇيهون ڇيهون.
(3) يارمحمد ڪسوره جي گرفتاري جي مذمت.
30.12.94، امريڪا ۽ چين وچ ۾ واپاري جنگ جو خطرو.
(2) ڳوٺ عرضي ڀٽو مان پٽ ۽ ڌيءَ سميت پيءُ اغوا.
ٽنڊو مستي مان ست ڌاڙيل هڪ گهر مان ڦ ڪري ويا.
(3) اظهر سومرو ۽ ٻين کي شوڪاز نوٽيس.
31.12.94، انسپيڪٽر لاڙڪاڻو جو پاءُ پلاند ۾ قتل.
لاڙڪاڻي جي انسپيڪٽر جو پاءُ پلاند ۾ قتل.
31.12.94، ڌاڙيل تي 60 ماڻهن مارڻ جو الزام (خبر).
ڌاڙيل تي سٺ ماڻهن مارڻ جو الزام.
31.12.94، ڪير وڪرو ڪندڙ من ماني طور اگهن وڌائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.
ڪير وڪڻندڙن يا ڪير وارن پنهنجي مرضي موجب اگهن وڌائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

روزانہ "عوامي آواز" ڪراچي

1.12.94، حڪومتي تبديلي جا اهڃاڻ.
حڪومت جي تبديليءَ جا اهڃاڻ.
(2) جوڻيجو ليگ جي تنظيم ڪاري.
تنظيم ڪان پوءِ 'ڪاري' جي ڪهڙي ضرورت؟
(3) ڪٺڪ جي پوڪائي نٿي سگهي.
پوڪائي (اخباري ايجاد)
2.12.94، ويران کنڊرن جو راز (پاراٺو صفحو)
(کنڊر تہ هونداڻي ويران آهن).
(2) ڪامورا پڪڙ- کان بچيل
ڪامورا وٺ پڪڙ کان بچيل.
3.12.94، جهڏو ۾ غيرقانوني شڪار ڪيل هرڻ.
نوشهرو ۾ پارٽي جي تقريب.
4.12.94، پنهنجي زبان کي لغام ڏين.
لغام وات کي ڏبو آهي.
(2) چام ڪنڊو ۾ لڳايل مفت طبي ڪئمپ.
5.12.94، سرطان سٽيل ماءُ جو علاج.
6.12.94، مورو مان ڦر جي واردات.
(2) محبت ديرو پوليس جي ڳوٺ تي چڙهائي.
(3) ٺٽو اسپتال ۾ ويم گهر عملو نہ هئڻ ڪري بند.
عملي نہ هئڻ ڪري ٺٽي جي اسپتال جو ويم گهر بند.
(4) ٽنڊو باگو ۾ بنيادي سهوليتن جو ڪال.
گرلس هاءِ اسڪول جهڏو ۾ ماسترياڻين جي کوٽ.
7.12.94، اندروني سنڌ مان ٽي بي مرض جي دوا اڻ لڀ.
سنڌ جي اندرين علائقن مان ٽي بي جي دوا اڻ لڀ.

9.12.94، ساڪرو ۾ هندن جي قديم مندر تان قبضو نہ هٽيو.
ساڪري ۾ هندن جي قديم مندر تان قبضو نہ هٽيو.
11.12.94، پرائمري اسڪول ڇتو ڇنڊ عمارت کان محروم.
ڇتي ڇنڊ جو پرائمري اسڪول عمارت کان محروم.
(2) شهر مان 5 گاڏين سميت لکين رپين جي ڦر.
شهر مان پنجن گاڏين سميت لکين روپين جي ڦر.
12.12.94، امن ڪرائڻ ۾ سنڌ حڪومت جي ناڪامي.
امن بحال ڪرائڻ ۾ سنڌ حڪومت ناڪام.
13.12.94، شيخ پرڪيو لڳ ڌاڙيلن جي سرگرمي.
شيخ پرڪيي لڳ ڌاڙيلن جي سرگرمي.
(2) عوامي آواز کي گهٽو ڏئي نٽو سگهجي.
گهٽو تہ نڙيءَ کي ڏنو ويندو آهي.
(3) وسندي کي باهہ، پہ نينگريون ڪوئلو ٿي ويون.
...... سڙي ڪوئلا ٿي ويون.
14.12.94، آفيسرن ۽ ٺيڪيدارن جي ملي ڀڳت.
ملي ڀڳت بجاءِ ناني ويڙهو لکڻ گهرجي.
(2) کهڙا لڳ قبائلي جهيڙو.
کهڙن لڳ قبائلي جهيڙو.
(3) ساک جهڙيون رسمون انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي.
هتي آهي، بدران، آهن لکڻ گهرجي.
15.12.94، کهڙا ڊرب مهر شاهہ ۾.
کهڙن ۽ ڊب مهر شاهہ ۾.
16.12.94، ويران کنڊر جو راز.
ويران کنڊر؟
(2) وارهہ گل پرڙو روڊ جي ڪير سار لهندو.
وارهہ گل پرڙي روڊ جي ڪير سار لهندو.

17.12.94، ٽنڊو محمد خان ۾ تيل جي ڳولا.
ٽنڊي محمد خان ۾ تيل جي ڳولا.
18.12.94، سنڌ جو سينو چيري سپن مان هيرا ڳولڻ وارا.
هيرا سپن مان نہ پر ڪوئلن جي کاڻ مان ملندا آهن.
19.12.94، ٽنڊو آدم ۾ ٻانڊن جي آڙ ۾ جوا.
ٽنڊي آدم ۾ ٻانڊن بهاني جوا.
21.12.94، ٻنا مالڪن طرفان روڊن تي ڌرڻو.
ٻنن جي مالڪن پاران روڊن تي ڌرڻو.
(2) اڏيرو لال اسٽيشن تي ڌارين جي ڪاهہ.
اڏيري لعل اسٽيشن تي ڌارين جي ڪاهہ.
22.12.94، ٽنڊو محمد خان جا وڏندڙ مسئلا.
ٽنڊي محمد خان جا وڌندڙ مسئلا.
23.12.94، ضلعي ٿٽي جي لاڪپن ۾ قيد......
اصل لفظ لاڪ اپ آهي.
24.12.94، اوباوڙو لڳ ماڇڪي مان.
اوباوڙي لڳ ماڇڪي مان.
(2) اڄڪلهہ شاعري ڪرڻ وڏي ڳالهہ ڪونہ رهي آهي.
ڳالهہ ڪانہ رهي آهي.
(هي هڪ ادبي مضمون لکندڙ جو حال آهي).
25.12.94، ڪپرو ڪان پٽ پاڻٽي روڊ تي.
ڪپري ڪان پٽ پاڻٽي روڊ تي.
27.12.94، سنڌ ۾ ٽين ڏينهن بہ مينهن، عام زندگي مفلوج.
زندگي مفلوج (اخباري محاورو).
28.12.94، ڳوٺ ٽنڊو شاهہ جا مسئلا.
ڳوٺ ٽنڊي شاهہ جا مسئلا.
29.12.94، قلڪارا ۾ ڏيڍ جي لڳالت.

قلمڪارن ۾ ڏيءَ جي لچ لٿي وئي.

(2) موهن جو دڙو ۾.

موهن جي دڙي ۾.

30.12.94، پيرجوڳوٺ ۾ امتحاني سينٽر.

پيرڳوٺ ۾ امتحاني سينٽر.

31.12.94، قيمتي پٽر ڊي سي آفيس ٺٽو اڳيان سونهن لاءِ رکيل.

ٺٽي جي ڊي سي آفيس اڳيان سونهن لاءِ رکيل قيمتي پٽر.

(2) ڳوٺ جاڙو هنگورو بنيادي سهوليتن کان محروم.

جاڙي هنگوري جو ڳوٺ بنيادي سهولتن کان محروم.

سنڌي اخبارن جي ٻولي

سنڌي اخبارون، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بنيادي قاعدن کي نظرانداز ڪري رهيون آهن، ۽ اردوءَ جو نقل ڪري رهيون آهن. مثلاً اڄڪلهه سنڌي اخبارن ۾ لکيو ويندو آهي ته "آءٌ ڪنڌيارو مان پيو اچان". يا "آءٌ مورو مان پيو اچان." شهر جو نالو ڪنڌيارو يا مورو ٿي سهي، پر هنن جملن ۾ انهن کي "آءٌ ڪنڌياري يا، آءٌ موري مان پيو اچان" جئي، استعمال ڪرڻو آهي. اردو اخبارن وارا "ڪلڪتي جا رها هون" کي "ڪلڪته جا رها هون" لکي رهيا آهن، پر اهو به غلط آهي.

سنڌي بنيادي طور هڪ لَئي واري ۽ سريلي زبان آهي. انهيءَ جو پنهنجو گرامر آهي ۽ پنهنجو مزاج. اسان کي انهن جي حرمت ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ زبان جي شڪل بگڙي ويندي. سنڌيءَ ۾ "جوٽيجي" کي "جوٽيجه" لکڻ، "پٽي" کي "پٽه" لکڻ ۽ "ذريعي" کي "ذريعه" لکڻ به غلط آهي.

- علامه آءِ. آءِ. قاضي

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اوندا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ڀاڙي، ڪاٺو، ڀاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وِڙ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄ‌ڪلهہ جي پاڙ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄ‌ڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوي چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
> ۔ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)